جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاھ
جلد 17 | سومر 26 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 14 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 15

ايراني حدن ۾ گهرڻ جو جواب اهڙو هوندو جنهن جو گمان به نٿو ڪري سگهجي: باقر قاليباف

ايراني قوم آمريڪا جي دٻاءَ ۾ نه ايندي ۽ نه ئي آمريڪي فوجي ڌمڪين يا دٻاءَ آڏو جهڪندي، جيستائين آمريڪا پنهنجو رويو تبديل نٿو ڪري

ڌمڪيون ڏيڻ بند نٿو ڪري ۽ ڪيل واعدن تان ڦرڻ بدران اهي پورا نٿو ڪري، تيستائين آمريڪا جي دعوائن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي

ايران جي حدن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو اهڙو جواب ڏنو ويندو، جنهن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي

تهران(م ڊ)ايران جي پارليامينٽ جي اڳواڻ باقر قاليباف چيو آهي ته ايراني قوم آمريڪا جي دٻاءَ ۾ نه ايندي ۽ نه ئي آمريڪي فوجي ڌمڪين يا دٻاءَ آڏو جهڪندي. هن چيو ته جيستائين آمريڪا پنهنجو رويو تبديل نٿو ڪري، ڌمڪيون ڏيڻ بند نٿو ڪري ۽ ڪيل واعدن تان ڦرڻ بدران اهي پورا نٿو ڪري، تيستائين آمريڪا جي دعوائن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي. باقر قاليباف خبردار ڪيو ته ايران /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ايران تي اڄ ئي حملو ٿي سگهي ٿو: آمريڪي صدر

ايران تي اڄ ئي حملو ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته اهو به ممڪن آهي ته ڪو وڏو معاهدو طئي ٿي وڃي: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

ڪنهن به امڪاني فوجي ڪارروائي جي وقت بابت ڪجهه نه ٻڌائيندو

ايران وارو معاملو تمام سٺي نموني اڳتي وڌايو ويو آهي، پر ممڪن آهي ته باقي رهيل ڪم به مڪمل ڪرڻو پوي

آمريڪي رسالي موجب امڪاني حملي جي تيارين لاءِ آمريڪي جهاز بردار جنگي جهاز 'جارج واشنگٽن' وٽ هٿيارن ۽ ميزائلن جي فراهمي پهچائي وئي آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ذهانت ۽ قابليت ڪي غربت يا اميري ۾ قيد نه هجڻ گهرجي: وزيراعظم

ذهانت ۽ قابليت کي غربت يا امارت ۾ قيد نه هجڻ گهرجي، هوشيار شاگردن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ عظيم شروع ڪري رهيا آهيون، ماضي ۾ نوازشريف جي صدارت هيٺ 6 لک شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا ويا

وزيراعظم شهباز شريف اها ڳالهه سموري ملڪ جي 5 لک هوشيار اسڪول، مدرسن جي شاگردن کي ميرٽ تي ڪروم بڪس ۽ انٽرنيٽ جي سهولت جي فراهمي واري تقريب کي خطاب

نوجوانن کي تعليم سان روشناس ڪرائڻ اسان جي ذميواري آهي. شاگردن کي ميرٽ جي بنياد تي ڪروم بڪس فراهم ڪئي پئي وڃي. باصلاحيت شاگرد پاڪستان جو حقيقي اثاثو آهن

5 لک شاگردن ۾ ڪروم بڪس 2 سالن جي مدي ۾ ورهايا ويندا. پاڪستان جي هوشيار شاگردن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ عظيم سفر جي شروعات ڪري رهيا آهيون

ماضي ۾ نوازشريف جي اڳواڻي ۾ 6 لک شاگردن ۾ ليپ ٽاپس ورهايا ويا، ذهانت ۽ قابليت کي غربت يا امارت ۾ قيد نه هجڻ گهرجي، اهو صرف محنت جي بنياد تي هجڻ گهرجي

دانش اسڪولن ۾ کاڌي ۽ رهائش جي سهولت به فراهم ڪئي پئي وڃي تقريب ۾ سموري ملڪ مان نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن: وفاقي وزير اطلاعات، نشريات عطاءُالله تارڙ

اسلام آباد: (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ذهانت ۽ قابليت کي غربت يا امارت ۾ قيد نه هجڻ گهرجي، هوشيار شاگردن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ عظيم شروع ڪري رهيا آهيون، ماضي ۾ نوازشريف جي صدارت هيٺ 6 لک شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا ويا، وزيراعظم شهباز شريف اها ڳالهه سموري ملڪ جي 5 لک هوشيار اسڪول، مدرسن جي شاگردن کي ميرٽ تي ڪروم بڪس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف شاگرديائي کي ليپ ٽاپ ڏئي رهيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي جي ضلعي مومن آباد ۾ انويسٽي گيشن پوليس ڪارروائي ڪندي ڪيس ۾ نامزد ڇوڪري کي ملڪي بازياب

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي جي ضلعي مومن آباد ۾ انويسٽي گيشن پوليس ڪارروائي ڪندي ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ڊاڪٽر ظاهر ڪري هيئر ٽرانسپلانٽ جهڙا حساس طبي ۽ جراحي عمل انجام ڏئي رهيا آهن: ڊاڪٽر ذوالفقار علي تنيو

اسلام آباد (بيورو) بينز ريسٽوريشن سوسائٽي آف پاڪستان (ڏاڪٽي علائقي) ملڪ ۾ هيئر ٽرانسپل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

بلوچستان ۾ آپريشن، فتنه الخارج جو ڪمانڊر مارجي ويو

مارجي ويل دهشتگرد ڪمانڊر ڊسمبر 2020ع کان فتنه الخوارج سان لاڳاپيل هو

2024ع کان هو دهشتگرد گروهه جي مالي معاملن جي نگراني ڪري رهيو هو

ڪوئيٽا(م ڊ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ 'آپريشن ردالفتنه 3' تحت قلعه سيف الله ۾ انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائي ڪندي فتنه الخوار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

بلاول ڀٽو ٻاران محمد دانش خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مشهور ڪاروباري شخصي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسحاق ڊار سان چيني سفير جي ملاقات، سي پيڪ، واپار ۽ علائقائي امن تي ڳالهيون

جنهن ۾ سي پيڪ، واپار ۽ علائقائي امن سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون جي اڳيرائي ۽ گڏيل لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات ۾ اسحاق ڊار پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مضبوط ۽ لازوال اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل پائيواري ۾ مسلسل اڳيرائي جي تعريف ڪئي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان چين جي سفير جيانگ زي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ملڪ ۾ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان عوام جون معاشي ڏکيائيون وڌي ويون

ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، کاڌ خوراڪ جي مهانگائي ۽ آمدورفت جي وڌندڙ خرچن سبب عام ماڻهوءَ لاءِ معاشي ڏکيائيون وڌيڪ وڌي ويون

محدود آمدني تي گذارو ڪندڙ پگهاردار طبقي، ڏهاڙي مزدورن، پينشنرن ۽ گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ روزاني خرچ پوري ڪرڻ وڌيڪ مشڪل بڻجي رهيو آهي

ڪراچي(رپورٽر) ملڪ ۾ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان عوام جون معاشي ڏکيائيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان چيني وزير ملاقات ڪندي

ڪراچي شهر ۾ ٽريفڪ حادثن دوران فوڊ رائيڊر سميت ٻه موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويا

شاهه لطيف ٽائون ۾ پيش آيل حادثي ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي شهر ۾ ٽريفڪ حادثن دوران فوڊ رائيڊر سميت ٻه موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويا. جڏهن ته شاهه لطيف ٽائون ۾ پيش آيل ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪٽڪ مهانگي ٿيڻ تي اسحاق ڊار جو ڳڻتيءَ جو اظهار

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي ڪٽڪ جي فراهمي وڌائڻ سميت سمورا ضروري قدم کڻڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

خوراڪ جي تحفظ ۽ ضروري شين جي مناسب اگهن تي دستيابي حڪومت جي ترجيح آهي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ڪٽڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

دوحا: وفاقي وزير جام ڪمال خان سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

حاجي محمد حنيف ميمڻ ۽ سندس ٽيم پاران هڪ مستحق ۽ معذور عورت کي ويل چيئر فراهم ڪئي وئي

جنهن جو مقصد عورت جي زندگيءَ کي آسان بڻائڻ ۽ سندس اچ وڃ ۾ سهولت پيدا ڪرڻ آهي. انسانيت جي خدمت ئي اصل عبادت آهي: حنيف ميمڻ

سماج ۾ همدردي، احساس ۽ انسان دوستيءَ جي جذبي کي هٿي ڏيڻ جو پڻ هڪ بهترين مثال آهي

معذور ۽ مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ سان نه رڳو سندن ڏکيائين ۾ گهٽتائي اچي ٿي، پر کين عزت، سهولت ۽ خودمختياريءَ سان زندگي گذارڻ جو موقعو پڻ ملي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گجو پرسان ڳوٺ، حاجي اسماعيل ڪاتيار ۾ حلال احمر ٺٽو جي اڳواڻ حاجي محمد حنيف ميمڻ ۽ سندس ٽيم پاران هڪ مستحق ۽ معذور عورت کي ويل چيئر فراهم ڪئي وئي، جنهن جو مقصد عورت جي زندگيءَ کي آسان بڻائڻ ۽ سندس اچ وڃ ۾ سهولت پيدا ڪرڻ آهي. انسانيت جي خدمت ئي اصل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

شهري سنڌ جي عوام جي نمائندگي ۽ سندن حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو اثرائتو سياسي پليٽ فارم ايم ڪيوايم پاڪستان آهي: وسيم اختر

اها جماعت موروثي سياستدانن جو گروهه نه، پر وچولي طبقي جي نمائندگي ڪندڙ تحريڪ آهي

جيڪا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان شهري سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي

ايم ڪيوايم جي ڊگهي سياسي جدوجهد جي نتيجي ۾ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ۽ بااختيار مڪاني حڪومتن جو نظام قائم ڪرڻ جي راهه هموار ٿي رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ ۽ ڪراچيءَ جي اڳوڻي ميئر وسيم اختر چيو آهي ته شهري سنڌ جي عوام جي نمائندگي ۽ سندن حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو اثرائتو سياسي پليٽ فارم ايم ڪيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

وفاق جي تعاون کان سواءِ صوبو نٿو هلي سگهي: گورنر ڪي پي

وفاق سان گڏ هم آهنگي خيبرپختونخواهه جي لاءِ خوشي جوڳي آهي صوبي جي خوشقسمتي آهي ته اسان وفاق سان گڏ هڪ پيج تي اچي ويا آهيون

وفاق جي تعاون کان سواءِ صوبو نٿو هلي سگهي، صوبي کي پيش ايندڙ مسئلن جو حل وفاق سان گڏجي ئي ممڪن آهي

وفاق ۽ ٻين صوبن سان خوشگوار ۽ پائيداڻ لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ منهنجي ترجيحات ۾ شامل آهي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته وفاق سان گڏ هم آهنگي خيبرپختونخواهه جي لاءِ خوشي جوڳي آهي صوبي جي خوشقسمتي آهي ته اسان وفاق سان گڏ هڪ پيج تي اچي ويا آهيون. وفاق جي تعاو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

مظفر آباد ۾ مسافر جيپ اونهي کاهي ۾ ڪري پئي، 2 ٻارن سميت 7 ڄڻا فوت

مظفر آباد جي ڏوراهين علائقي شڪرپنيان ۾ مسافر جيپ اونهي کاهي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ سمورا 7 ڄڻا فوت ٿي ويا

ريسڪيو اختيارين به حادثي ۾ 7 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي

گاهه سان ڀريل جيپ تي 2 ٻارن سميت 7 ڄڻا سوار هئا، ڏکئي رستي تي ڊرائيور جيپ تي ڪنٽرول نه رکي سگهيو جنهن سبب گاڏي اونهي کاهي ۾ ڪري پئي

مظفرآباد (م ڊ) مظفر آباد ۾ مسافر جيپ اونهي کاهي ۾ ڪرڻ جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ سوار سمورا 7 ڄڻا فوت ٿي ويا. رپورٽ موجب مظفر آباد جي ڏوراهين علائقي شڪر پنيان ۾ مسافر جيپ اونهي کاهي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪم جونگ اُن چين جي سرحدي شهر داندونگ پهچي ويو

اتر ڪوريا جو اڳواڻ ڪم جونگ چين جي سرحدي شهر داندونگ جو دورو ڪيو

ان قدم کي چين ۽ اتر ڪوريا وچ ۾ واپاري لاڳاپا وڌائڻ جي گڏيل ڪوشش جي علامت طور ڏٺو پيو وڃي

بيجنگ(م ڊ) بيجنگ ۽ پيانگ يانگ وچ ۾ واپاري لاڳاپا وڌائڻ لاءِ نئين پل جو افتتاح، ڪم جونگ اُن چيني عملدار وانگ هونگ سان گڏ پهتو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

حڪومتي پاليسين سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت مشڪلاتن ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: صدرالدين شاهه راشدي

سنڌ جي معيشت جو وڏو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي، پر زرعي شعبي کي درپيش مسئلن سبب آبادگارن جون پريشانيون مسلسل وڌي رهيون آهن

جنهن جا اثر نه رڳو هارين پر عام شهرين ۽ صوبي جي مجموعي معيشت تي پڻ پئجي رهيا آهن

ڪراچيءَ ۾ فنڪشنل ليگ هائوس تي اڳوڻي وفاقي وزير خير محمد جوڻيجو سان ملاقات

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ ۾ زرعي صورتحال تي گهري ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته حڪومتي پاليسين ۽ بروقت فيصلا نه ٿيڻ سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت مشڪلاتن ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سنڌ جي معيشت جو وڏو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي، پر زرعي شعبي کي در/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سرڪاري اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي جا وڌندڙ ڪيسز: ملڪ ۾ طبي ايمرجنسي جو مطالبو

ايڇ آءِ وي جي مبينه پکيڙ جي معاملي تي وفاقي سطح تي جاچ ڪميشن ٺاهڻ ۽ طبي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو

وليڪا اسپتال سميت سرڪاري اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي جا ڪيسز تيزي سان وڌي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سرڪاري اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي جي وڌندڙ ڪيسز سبب ملڪ ۾ طبي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو سامهون اچي ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سنڌ ۾ موبائل هيلٿ يونٽس جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ڪرڻ جو فيصلو

ڏورانهين ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سندن گهرن تائين طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن: گيانچند ايسراڻي

موبائل هيلٿ يونٽس ذريعي هينئر تائين لکين مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن

هيلٿ ڪيئر سروسز تحت جون 2016 کان سيپٽمبر 2026 تائين مجموعي طور 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن

12 لک 74 هزار 322 ليبارٽري ۽ ٻيون طبي ٽيسٽون ڪيون ويون، هن وقت اداري تحت سنڌ جي 17 ضلعن ۾ 20 موبائل يونٽس خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ ۾ موبائل هيلٿ يونٽس جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، ته جيئن ڏورانهين ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سندن گهرن تائين طبي سهولتون فراهم ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: آرٽ سٽي گيلري ۾ مصور شمسالدين تنوري جا فن پارا ڏسي رهيا آهن

ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

عورت قتل ڪيس جو جوابدار گرفتار، موبائل فون هٿ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي لياقت آباد ۾ پوليس عورت سُويرا جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار مبين کي گرفتار ڪري ورتو. پولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ٻارن جي جنسي استحصال جي ڪيس ۾ 13 جوابدارن جو رمانڊ منظور

عدالت هڪ درجن کان وڌيڪ جوابدارن کي قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري (اين سي سي آءِ اي) جي تحويل ۾ ڏئي ڇڏيو

[illegible]

ڪراچي(رپورٽر) ٻارن جي جنسي استحصال تي ٻڌل متحرڪ وڊيوز ۽ فحش مواد جي مبينا آن لائين وڪري، تياري ۽ سوشل ميڊيا تي دوکي وارين س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

مهانگائي، بيروزگاري ۽ حڪومتي پاليسين خلاف ڪيترن ئي يورپي ملڪن ۾ احتجاج جو سلسلو جاري

فرانس (م ڊ) يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ حڪومتي پاليسين جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

گوجرانوالا: وليمي جي تقريب ۾ ويندڙ گهوٽ ڪنوار جي گاڏي تي فائرنگ، ڪنوار قتل

جتي وليمي جي تقريب ۾ ويندڙ گهوٽ ڪنوار جي گاڏي تي فائرنگ ڪئي وئي

واقعي جا سي سي ٽي وي وڊيو به سامهون اچي ويا آهن، وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گهوٽ ڪنوار اڇي رنگ جي ڪار ۾ سوار هئا

گوجرانوالا (م ڊ) پنجاب جي شهر گوجرانوالا ۾ وليمي جي تقريب لاءِ روانو ٿيندڙ گهوٽ ڪنوار جي گاڏي مٿان فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪنوار مار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

فوجي آفيسر هجڻ جو ڊرامو ڪري شهرين کي ڦريندڙ جوابدار گرفتار

ڪوڙو روپ اختيار ڪري شهرين کان رقم ڦريندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون جي اختيارين ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ ڪارروائي

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ڪراچي پاڪ فوج جا آفيسر هجڻ جو ڪوڙو روپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ ذهين پاڪستان ايڪسيلينس ايوارڊز 2026 جي شاندار تقريب منعقد

گورنر گلگت بلتستان، صوبائي وزيرن، سفارتڪارن، عدليه، ميڊيا، شوبز ۽ ڪاروباري شعبن سان لاڳاپيل نامور شخصيتن جي شرڪت

تقريب جو مقصد مختلف شعبن ۾ غيرمعمولي خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ سندن قومي خدمتن کي خراج تحسين پيش

ان موقعي تي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شخصيتن کي ايوارڊز ۽ يادگاري شيلڊون پيش ڪيون ويون

قوم لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن جي پذيرائي ۽ پاڪستان جي مثبت تشخص کي اجاگر ڪرڻ جو سلسلو مستقبل ۾ پڻ جاري رکيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ايڪسيلينس ڪلب جي اهتمام هيٺ، سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي ۽ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي جي سهڪار سان ذهين پاڪستان ايڪسيلينس ايوارڊز 2026 جي شاندار تقريب گذريل رات ڪراچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي ۾ ذهين پاڪستان ايڪسيلينس ايوارڊز 2026 جي شاندار تقريب ۾ ٽرافي ڏني پئي وڃي

ڪراچي اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پوليس مقابلي ڪانپوءِ زخمي جوابدار سميت 2 مبينا اسٽريٽ ڪرم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي ۾ پوليس جي ڪارروائي، اغوا ڪيل عورت ۽ 2 ٻار بازياب، جوابدار فرار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس ڪارروائي ڪندي مبينه اغوا ٿيل عورت ۽ سندس ٻن ٻارن ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

جي يو آءِ جو نوجوان انسان دوست سالار غلام قادر بروهي لاڏاڻو ڪري ويو، جي يو آءِ سنڌ جي قيادت ۽ ٻين اڳواڻن پاران ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام تعلقي جيڪب آباد جو نوجوان مجاهد، انسان دوست سال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ايل پي جي جا 2 جهاز پاڪستان پهچي ويا، قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان

جنهن ڪانپوءِ ايل پي جي جي اگهن ۾ لاٿ جا امڪان وڌي ويا آهن

پاڪستان پهتل ٻنهي جهازن ۾ مجموعي طور 7 هزار 603 ميٽرڪ ٽن ايل پي جي پورٽ قاسم آندي وئي

ڪراچي (رپورٽر) عمان مان مائع پيٽروليم گئس (ايل پي جي) کڻي ايندڙ 2 سامونڊي جهاز پاڪستان پهچي ويا، جنهن ڪانپوءِ ايل پي جي جي اگهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪنڌيارو ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا قتل، 4 زخمي

زميني تڪرار ۽ سڱاوتي معاملي تان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل خوني جهيڙي جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا

واقعي جو ڪيس ٻڪري ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 9 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر) ڪنڊيارو پرسان ٻڪري ٿاڻي جي حد خيروديرو ۾ پاڻي جي واري، زميني تڪرار ۽ سڱاوتي معاملي تان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: سينيئر سياسي اڳواڻ رڪن الدين ميراڻي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر سان ملاقات ڪندي

اڄو مهانگو ٿيڻ حڪومتي ڪرپشن ۽ ناانصافي جو نتيجو آهي: ڪاشف سعيد شيخ

پر حڪومتي نااهلي ۽ ناڪام معاشي پاليسين جي ڪري مهانگائي سميت عام واهپي وارين شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن

حڪومتي ٽولو من گهڙت ڳالهيون ڪري پيٽرول تي ليوي ٽيڪس سميت عوام مٿان ٽيڪسن جي ڀرمار ڪري عوام جي کيسن تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي

جن پنهنجي ٿورهي ڪاروائين ذريعي ۽ ڪچي توڙي پڪي جي ڌاڙيلن جو فرق ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته عالمي تڪرارن ۽ پر حڪومتي نااهلي ۽ ناڪام معاشي پاليسين جي ڪري مهانگائي سميت عام واهپي وارين شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن. حڪو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي ڪان سانگهڙ ويندڙ بس ۽ ڪار ۾ ٽڪر، 5 ڄڻا فوت

ڪراچيءَ کان سانگهڙ ويندڙ مسافر بس ۽ سانگهڙ کان سعيدآباد ويندڙ ڪار وچ ۾ ٽڪر ٿيو

جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 4 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. زخمين کي حيدرآباد منتقل ڪرڻ دوران هڪ ٻي زخمي عورت به دم ڏئي ڇڏيو

فوتين ۾ 2 مرد، 2 عورتون ۽ هڪ ٻار شامل آهن، جن جو تعلق ضلعي مٽياريءَ سان ٻڌايو پيو وڃي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي علائقي ٽنڊوآدم-جهول روڊ تي مسافر بس ۽ ڪار ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 3 سخت زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب ڪراچيءَ کان سانگهڙ ويندڙ مسافر بس ۽ سانگهڙ کان سعيدآباد و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 26 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 14 جمادي الاول 1448ھ

#سکر_ڪراچي موٽروي، سنڌ جي ترقيءَ جو اهم منصوبو

ڪنهن به ملڪ جي معاشي ترقي، واپار جي واڌ، صنعتن جي استحڪام ۽ عوام جي خوشحاليءَ ۾ جديد روڊن ۽ شاهراهن جو بنيادي ڪردار هوندو آهي. بهتر مواصلاتي نظام نه رڳو شهرن ۽ علائقن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندو آهي، پر زرعي پيداوار کي مارڪيٽن تائين پهچائڻ، ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سکر_ڪراچي موٽروي جي تعمير جلد شروع ڪرڻ بابت وفاقي وزير مواصلات عليم خان جو اعلان سنڌ جي عوام، واپاري برادري ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبي لاءِ اميد جوڳو آهي. پر ان اعلان کي عملي شڪل ڏيڻ سڀ کان اهم مرحلو آهي.

سنڌ پاڪستان جي معيشت ۾ بنيادي اهميت رکي ٿي. ڪراچي ملڪ جو سڀ کان وڏو واپاري مرڪز ۽ سامونڊي بندرگاهن جو اهم شهر آهي، جتان ملڪ جي درآمد ۽ برآمد جو وڏو حصو ٿيندو آهي. جڏهن ته اپر سنڌ زرعي پيداوار، واپار ۽ ٻين معاشي سرگرمين جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿي. سکر کان ڪراچي تائين جديد موٽروي جي تعمير سان ٻنهي علائقن وچ ۾ آمدرفت وڌيڪ آسان، تيز ۽ محفوظ ٿي سگهي ٿي. ان سان گڏ مال بردار گاڏين جي اچ وڃ ۾ آساني پيدا ٿيندي، سفر جو وقت گهٽجندو ۽ واپاري سرگرمين کي هٿي ملندي. خاص طور تي آبادگارن کي پنهنجي زرعي پيداوار مارڪيٽن تائين پهچائڻ ۾ سهولت ملندي، جڏهن ته صنعتڪارن ۽ واپارين جا خرچ گهٽجڻ جا امڪان پڻ پيدا ٿيندا.

هن منصوبي جي اهميت رڳو سفر جي سهولت تائين محدود ناهي، پر ان جو واسطو سنڌ جي مجموعي معاشي ترقيءَ سان آهي. سکر، خيرپور، نوشهروفيروز، نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچي سميت مختلف علائقن جي ڪاروباري سرگرمين کي بهتر روڊ نيٽ ورڪ ذريعي وڌيڪ هٿي ملي سگهي ٿي. جيڪڏهن موٽروي جي تعمير دوران مقامي ماڻهن کي روزگار، ٺيڪن ۽ ڪاروباري موقعن ۾ مناسب حصو ڏنو وڃي ته ان جا فائدا علائقائي معيشت تائين پڻ پهچي سگهن ٿا. ساڳئي وقت رستن جي پرپاسي آبادين، زرعي زمينن ۽ مقامي واپارين جي تحفظ کي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

وفاقي وزير عليم خان لاهور چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۾ خطاب ڪندي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي آمدني 66 ارب رپين مان وڌائي 160 ارب رپيا ڪرڻ جو هدف پڻ بيان ڪيو آهي. هن اين ايڇ اي جي خرچن ۾ گهٽتائي، مالي استحڪام ۽ ملڪ ۾ ترقياتي منصوبن جي ضرورت جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته لڳ ڀڳ 3 هزار ارب رپين جي لاڳت وارا 66 منصوبا تعمير ڪرڻا آهن. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته ملڪ ۾ مواصلاتي ڍانچي جي بهتريءَ لاءِ وڏي مالي وسيلن ۽ منصوبابنديءَ جي ضرورت آهي. تنهن هوندي به ڪنهن به منصوبي جي ڪاميابيءَ جو اندازو رڳو آمدني وڌائڻ يا خرچ گهٽائڻ سان نه، پر ان ڳالهه سان لڳائڻ گهرجي ته عوام کي ان مان ڪيترو حقيقي فائدو ملي ٿو ۽ مقرر وقت اندر ڪم ڪيترو مڪمل ٿئي ٿو.

سکر_ڪراچي موٽروي بابت ماضيءَ کان وٺي اميدون وابسته رهيون آهن، تنهنڪري هاڻي ضروري آهي ته ان جي تعمير بابت واضح منصوبابندي، مالي بندوبست، ڪم شروع ڪرڻ جي تاريخ ۽ مڪمل ٿيڻ جو مدو عوام آڏو رکيو وڃي. جيڪڏهن منصوبي جي لاڳت، ٺيڪن، زمين جي حصول ۽ تعمير جي مرحلن بابت شفافيت اختيار ڪئي وڃي ته نه رڳو عوام جو اعتماد وڌندو، پر غير ضروري دير ۽ مالي بي ضابطگين کان پڻ بچي سگهجي ٿو. واپاري برادري کان سهڪار جي اپيل پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر اهڙي وڏي قومي منصوبي جي بنيادي ذميواري وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن تي عائد ٿئي ٿي.

سنڌ جي عوام کي اها به اميد آهي ته ترقياتي منصوبن جي ورڇ ۾ صوبائي ضرورتن ۽ معاشي اهميت کي مناسب اهميت ڏني ويندي. بلوچستان ۾ اين ايڇ اي جي آمدنيءَ جو وڏو حصو سيڙپڪاريءَ لاءِ مختص ڪرڻ بابت وفاقي وزير جي بيان وانگر، سنڌ ۾ به روڊن، شاهراهن ۽ مواصلاتي سهولتن جي ضرورتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ گهرجي. سنڌ ۾ زرعي معيشت، بندرگاهن، صنعتي مرڪزن ۽ آباديءَ جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اهڙي رٿابندي ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ترقيءَ جا فائدا سمورن علائقن تائين پهچي سگهن.

ملڪ ۾ ٻين منصوبن، جهڙوڪ فيصل آباد موٽروي جي توسيع، لوڌران ايڪسپريس وي ۽ سمبڙيال_ڪڙيان موٽروي بابت اڳڀرائي پڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته مواصلاتي نظام کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي ترقياتي ترجيحن ۾ شامل آهي. پر هر منصوبي جي اهميت ان جي مقامي ضرورت، معاشي فائدي ۽ عملي نتيجن سان جڙيل آهي. سکر_ڪراچي موٽروي لاءِ به ضروري آهي ته ان کي رڳو اعلانن ۽ اميدن تائين محدود نه رکيو وڃي، پر ان جي تعمير کي باقاعده شيڊول تحت اڳتي وڌايو وڃي. حقيقت اها آهي ته جديد شاهراهون ملڪ جي معيشت لاءِ رڳن جي حيثيت رکن ٿيون. جيڪڏهن اهي رڳون مضبوط ۽ فعال هونديون ته واپار، صنعت، زراعت ۽ روزگار جون سرگرميون به وڌيڪ تيزيءَ سان اڳتي وڌنديون. سکر_ڪراچي موٽروي سنڌ لاءِ اهڙوئي اهم منصوبو ثابت ٿي سگهي ٿو. بشرطيڪ ان جي تعمير ۾ دير نه ڪئي وڃي، معيار تي سمجهوتو نه ٿئي ۽ عوامي مفادن کي اوليت ڏني وڃي. وفاقي حڪومت کي گهرجي ته اعلان کي عملي قدم ۾ تبديل ڪري، تعمير جي شروعات بابت واضح ٽائيم ٽيبل جاري ڪري ۽ منصوبي جي مڪمل ٿيڻ تائين ان جي نگرانيءَ جو مؤثر نظام قائم رکي. سنڌ جي ترقي، واپار جي واڌ ۽ عوام جي سفري سهولت لاءِ هاڻي رڳو واعدن نه، پر عملي ڪم جي ضرورت آهي.

معاشي استحڪام يا عوامي خوشحالي؟ پاڪستان کي هاڻي ڪهڙي تبديليءَ جي ضرورت آهي؟

غلام مصطفيٰ جمالي

ڪنهن به ملڪ جي معاشي ترقيءَ جو اصل معيار رڳو انگ اکر، سرڪاري اعلان يا عالمي ادارن جون رپورٽون ناهن هونديون، پر حقيقي ڪاميابي تڏهن نظر ايندي آهي، جڏهن عام ماڻهوءَ جي گهر جو چلهه آسانيءَ سان ٻرڻ لڳي، ٻارن جي تعليم جو خرچ پورو ٿيڻ لڳي، بيمار کي علاج ملي ۽ هڪ پورهيت پنهنجي ماهوار آمدنيءَ مان گهر جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي. پاڪستان ۾ اڄ معاشي استحڪام جون ڳالهيون ته ٿي رهيون آهن، پر سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته هن استحڪام جا فائدا عام شهريءَ تائين ڪڏهن پهچندا؟

پاڪستان جي معيشت ڪي ڊگهي عرصي کان قرض، مهانگائي، توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن، روزگار جي محدود موقعن ۽ پيداوار جي ڪمزور صلاحيت جهڙن مسئلن کي منهن ڏيندو پئجي رهيو آهي. حڪومتون بدلجنديون رهيون، معاشي منصوبا ٺهندا رهيا ۽ سڌارن جا واعدا به ٿيندا رهيا، پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ مستقل آساني پيدا ڪرڻ اڄ به هڪ وڏو چئلينج آهي. هڪ مزدور صبح جو گهر مان نڪرندي اهو حساب لڳائي ٿو ته اڄ جي مزدوريءَ مان اٽو، ڀاڄيون، ٻارن جو کير، بجليءَ جو بل ۽ گهر جو ڪرايو ڪيئن ادا ڪندو. ان لاءِ معاشي ترقيءَ جو مطلب ڪنهن رپورٽ ۾ بهتر شرح واڌ نه، پر بازار ۾ ضروري شين جون مناسب قيمتون ۽ گهر جا خرچ پورا ڪرڻ جي سگهه آهي.

معاشي استحڪام پنهنجي جاءِ تي ضروري آهي. ڪو به ملڪ مسلسل مالي خساري، بي قابو قرضن ۽ غير يقيني پاليسين سان ترقي نٿو ڪري سگهي. پر استحڪام کي رڳو سرڪاري خزاني جي حساب ڪتاب تائين محدود ڪرڻ به درست ناهي. جيڪڏهن مالي نظم ۽ ضبط جي نالي تي عوام جي خريداريءَ جي سگهه گهٽجندي رهي، ننڍا ڪاروبار دٻاءَ جو شڪار ٿين ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا نه ٿين ته معاشي بهتريءَ جا دعويٰ عام ماڻهن لاءِ بي معنيٰ بڻجي ويندا. اصل ضرورت اهڙي معاشي حڪمت عمليءَ جي آهي، جنهن ۾ قومي خزاني جي مضبوطي ۽ شهرين جي خوشحالي هڪ ٻئي جي مخالف نه، پر هڪ ٻئي جو سهارو بڻجن.

پاڪستان جي آباديءَ جو وڏو حصو نوجوانن تي ٻڌل آهي. اهي نوجوان ملڪ جو سڀ کان وڏو سرمايو بڻجي سگهن ٿا، بشرطيڪ کين معياري تعليم، هنر جي سکيا، ڪاروبار جا موقعا ۽ عزت وارو روزگار فراهم ڪيو وڃي. ڊگريون حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوجوانن جو سالن تائين نوڪرين جي ڳولا ۾ ڀٽڪڻ رڳو ذاتي پريشاني ناهي، پر قومي وسيلن جي زيان برابر آهي. حڪومت کي گهرجي ته صنعت، زراعت، ٽيڪنالاجيءَ ۽ ننڍن ڪاروبارن جي شعبن ۾ اهڙيون پاليسيون جوڙي، جن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿين. نوجوانن کي رڳو واعدن جي نه، پر عملي رستن جي ضرورت آهي.

زراعت به پاڪستان جي معيشت جو بنياد آهي، پر هاريءَ کي مهانگا ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائون، بجلي، ڊيزل ۽ آبپاشيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جڏهن پيداوار جو خرچ وڌي ٿو ته هاريءَ جي آمدني متاثر ٿئي ٿي ۽ آخرڪار ان جو اثر خريدار تائين پهچي ٿو. جيڪڏهن هاريءَ کي مناسب اگهه، پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست، جديد زرعي سهولتون ۽ منڊيءَ تائين آسان رسائي ملي ته نه رڳو هاريءَ جي معيشت مضبوط ٿيندي، پر کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن کي مستحڪم رکڻ ۾ به مدد ملندي. زراعت جي ترقيءَ کان سواءِ قومي خوشحاليءَ جو تصور اڌورو آهي.

ساڳيءَ طرح توانائيءَ جون قيمتون ملڪي معيشت جي تقريبن هر شعبي کي متاثر ڪن ٿيون. جڏهن بجلي ۽ ٻارڻ مهانگا ٿين ٿا ته ڪارخانن جي پيداوار جو خرچ وڌي ٿو، ٽرانسپورٽ جا ڪرايا وڌن ٿا ۽ ضروري شين جي قيمتن ۾ واڌ جو دٻاءُ پيدا ٿئي ٿو. هن مسئلي جو حل رڳو عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ ناهي، پر توانائيءَ جي شعبي ۾ ٿيندڙ نقصانن کي گهٽائڻ، بجليءَ جي چوري روڪڻ، ورڇ واري نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ سج توڙي هوا مان بجلي پيدا ڪرڻ وارن منصوبن کي اثرائتي نموني اڳتي وڌائڻ آهي. حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته گهٽ آمدنيءَ وارن گهرن کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪرڻ کان سواءِ سڌارا ڪيئن لاڳو ڪري سگهجن ٿا.

پاڪستان ۾ ڪاروباري ماحول بهتر بڻائڻ به لازمي آهي. ننڍا واپاري ۽ صنعتڪار جڏهن غير يقيني پاليسين، ڏکين ضابطن، مهانگي بجلي ۽ مالي وسيلن جي کوٽ کي منهن ڏين ٿا ته ڪاروبار وڌائڻ بدران محدود ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن حڪومت محصولن جو نظام آسان، شفاف ۽ منصفاڻو بڻائي، غير ضروري رڪاوٽون ختم ڪري ۽ مقامي صنعت کي ترقيءَ جا موقعا فراهم ڪري ته روزگار ۽ قومي آمدنيءَ ۾ واڌ ممڪن آهي. محصولن جو بار رڳو اڳ ئي رجسٽر ٿيل ڪاروبارن ۽ پگهاردار طبقي تي وجهڻ بدران محصول ڏيندڙن جو دائرو وڌائڻ ۽ منصفاڻو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي.

معاشي پاليسين ۾ تسلسل به اوترو ئي اهم آهي، جيترا درست فيصلا. سيڙپڪار اهڙي ماحول ۾ سيڙپ ڪري ٿو جتي کيس خبر هجي ته ضابطا اوچتو تبديل نه ٿيندا، ناهه جو احترام ڪيو ويندو ۽ ادارا شفاف نموني ڪم ڪندا. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر قومي معيشت کي هر وقت غير يقيني صورتحال ۾ رکڻ ڪنهن جي به مفاد ۾ ناهي. حڪومت، مخالف ڌر، واپاري طبقي ۽ لاڳاپيل ادارن کي قومي معاشي ترجيحن تي اهڙو اتفاق پيدا ڪرڻ گهرجي، جيڪو حڪومتن جي تبديليءَ باوجود برقرار رهي.

هن سموري صورتحال ۾ هڪ ٻيو بنيادي سوال عوامي وسيلن جي استعمال جو آهي. ترقياتي بجيٽ ڪٿي خرچ ٿي رهي آهي؟ منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڇو نٿا ٿين؟ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ڪيئن بهتر بڻائي سگهجي ٿي؟ ڪرپشن سبب قومي خزاني کي ٿيندڙ نقصان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ انهن سوالن جا جواب رڳو بيانن سان نه، پر شفاف نگراني، آزاد احتساب ۽ واضح نتيجن سان ملڻ گهرجن. جڏهن عوام ٽيڪس ادا ڪري ٿو ته کيس اهو ڄاڻڻ جو حق به آهي ته سندس پئسن سان تعليم، صحت، پاڻي، رستن ۽ روزگار جي حوالي سان ڪهڙي بهتري آندي وئي آهي.

پاڪستان لاءِ پرڏيهي سيڙپڪاري، برآمدات ۾ واڌ ۽ عالمي مالياتي ادارن سان بهتر لاڳاپا اهم آهن، پر انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪي معيشت کي به مضبوط ڪرڻو پوندو. مقامي صنعت جي پيداوار وڌي، برآمدات ۾ نوان شعبا شامل ٿين، درآمدات تي غير ضروري ڀاڙڻ گهٽجي ۽ هنر رکندڙ افرادي قوت تيار ڪئي وڃي ته معيشت کي وڌيڪ پائيدار بنياد ملي سگهي ٿو. ٻاهرين مالي مدد وقتي سهارو ڏئي سگهي ٿي، پر مستقل ترقيءَ لاءِ قومي پيداوار، انساني وسيلن ۽ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ ضروري آهي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي ته معاشي ڪاميابيءَ جي وصف عام شهريءَ جي زندگيءَ سان ڳنڍي وڃي. جڏهن حڪومت پنهنجي معاشي ڪارڪردگي پيش ڪري ته ان کي اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته روزگار جا ڪيترا موقعا پيدا ٿيا، گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي خريداريءَ جي سگهه ۾ ڪيتري تبديلي آئي، تعليم ۽ علاج تائين رسائي ڪيتري بهتر ٿي ۽ ننڍن ڪاروبارن کي ڪيترو فائدو پهتو. عوام کي رڳو اهو ٻڌڻ جي ضرورت ناهي ته معيشت بهتر ٿي رهي آهي، پر هو پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ اها بهتري محسوس به ڪرڻ چاهين ٿا.

پاڪستان وٽ وسيلن جي کوٽ کان وڌيڪ مسئلو وسيلن جي اثرائتي استعمال، پاليسين جي تسلسل ۽ ترجيحن جي درست چونڊ جو آهي. جيڪڏهن حڪومت معاشي سڌارن کي عوامي ڀلائيءَ سان ڳنڍي، نوجوانن کي روزگار ڏئي، هاريءَ کي تحفظ فراهم ڪري، ڪاروبار لاءِ آسانيون پيدا ڪري ۽ سرڪاري خرچن ۾ شفافيت يقيني بڻائي ته معاشي استحڪام حقيقي خوشحاليءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. آخرڪار ڪنهن به حڪومت جي حقيقي ڪاميابيءَ جو فيصلو ان جي دعوائن سان نه، پر عوام جي زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديليءَ سان ٿيندو آهي. معاشي استحڪام ڪا آخري منزل ناهي، پر خوشحاليءَ تائين پهچڻ جو رستو آهي. پاڪستان کي هاڻي اهڙي تبديليءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ترقيءَ جا فائدا رڳو ڪجهه شعبن تائين محدود نه رهن، پر مزدور، هاري، واپاري، ملازم ۽ نوجوان سڀ ان مان فائدو حاصل ڪن. سوال رڳو اهو ناهي ته پاڪستان جي معيشت ڪيتري بهتر ٿي رهي آهي، اصل سوال اهو آهي ته پاڪستاني عوام جي زندگي ڪڏهن بهتر ٿيندي؟

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول مومل جي ماڙيءَ جو تاريخي پسمنظر

عبدالحئي پتو

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٿيلو مومل جي ماڙي، ضلعي گهوٽڪي جو هڪ اهم ۽ تاريخي تعليمي ادارو آهي، جيڪو سنڌ جي مشهور تاريخي ماڳ مومل جي ماڙيءَ جي ويجهو، گهوٽڪي شهر کان لڳ ڀڳ 11 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي. هي ادارو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان علائقي ۾ تعليم جي واڌاري، علمي شعور جي بيداري ۽ نوجوان نسل جي تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن اسڪول جي تاريخ رڳو هڪ تعليمي اداري جي ترقيءَ جي ڪهاڻي ناهي، پر ان سان ماٿيلو مومل جي ماڙيءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي روايتن جو هڪ ڊگهو سلسلو پڻ جڙيل آهي.

ماٿيلو مومل جي ماڙيءَ جو ڳوٺ تاريخي حيثيت سان گڏ علمي ۽ ادبي حوالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. هن ننڍڙي وسنديءَ مان ڪيترائي عالم، اديب، دانشور ۽ مفڪر پيدا ٿيا، جن پنهنجي علم، ادب ۽ فڪر وسيلي سنڌ جي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو. پاڪستان جي قيام کان اڳ به هن علائقي ۾ علم دوست گهراڻا موجود هئا، جن جون اوطاقون علمي ۽ ادبي سرگرمين جا مرڪز هونديون هيون. انهن اوطاقن ۾ ديني مدرسا پڻ قائم هئا، جتي ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ نئين نسل جي تربيت ڪرڻ جو ڪم ڪيو ويندو هو. اهڙي علمي ماحول ۾ باقاعده اسڪول جو قيام علائقي جي تعليمي ترقيءَ ڏانهن هڪ اهم قدم هو.

پاڪستان جي قيام کان اڳ قائم ٿيل پرائمري اسڪول وقت گذرڻ سان ترقي ڪندو رهيو. سال 1970ع ۾ ان کي برانچ مڊل اسڪول جو درجو ڏنو ويو، جڏهن ته 1973ع ۾ اهو مڪمل مڊل اسڪول بڻيو. ان کان پوءِ علائقي جي وڌندڙ تعليمي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اسڪول کي وڌيڪ ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون، جن جي نتيجي ۾ 8 آگسٽ 1984ع تي ان کي مڊل اسڪول مان اپگريڊ ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. هيءَ تبديلي اداري جي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿي، ڇاڪاڻ ته ان سان مقامي شاگردن لاءِ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا وڌيا ۽ کين پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي سهولت ميسر ٿي. اسڪول جي اپگريڊيشن سان هڪ دلچسپ واقعو پڻ ڳوٺاڻن جي روايتن ۾ محفوظ آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته ان وقت نامور اديب ۽ صحافي سيد سردار علي شاهه ذاڪر جي اوطاق تي هڪ تقريب منعقد ٿيل هئي، جنهن ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه پڻ شريڪ هو. ان موقعي تي ڳوٺ جي استاد واحد بخش منگيءَ وڏي وزير آڏو اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيڻ جي درخواست پيش ڪئي. مقامي روايت موجب، سيد غوث علي شاهه ان درخواست جي منظوري سگريٽ جي پاڪيٽ تي لکي ڏني ۽ اسڪول کي اپگريڊ ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي اسڪول جو نالو سيد سردار علي شاهه ذاڪر جي نالي سان منسوب ڪرڻ جي تجويز پڻ سامهون آئي، پر سرڪاري رڪارڊ ۾ ان جو نالو گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماٿيلو مومل جي ماڙي رکيو ويو. ڪنهن به تعليمي اداري جي ترقيءَ ۾ ان جي استادن ۽ سربراهن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماٿيلو مومل جي ماڙيءَ کي به مختلف دورن ۾ تجربيڪار، محنتي ۽ علم دوست استادن جي سرپرستي حاصل رهي آهي، جن اداري جي تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ شاگردن جي تربيت لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. اداري جي اڳوڻن نامور هيڊماسترن ۾ استاد عبدالله خان رڪ، استاد عبدالحڪيم ميمڻ، استاد شفيع محمد آرائين، استاد عبدالرحيم ڪلوڙ ۽ استاد شاهنواز ڪلوڙ جا نالا شامل آهن. هاءِ اسڪول جي حيثيت ۾ ترقي ڪرڻ کان پوءِ مختلف وقتن تي آخوند عبدالغفور، گل محمد مهيسر، حافظ محمد انور انڊڙ، سٿيوان نائڪاڻي، خميسو خان مهر، الله بخش ڍهر، غلام محمد شيخ ۽ سيد اسرار احمد شاهه پڻ هيڊماستر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. سيد اسرار احمد شاهه هن وقت ڊي اي او سيڪنڊري طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هن وقت اداري جي سربراهي پرنسپال سيد مظفر علي شاهه ڪري رهيو آهي، جيڪو اڳ ۾ ڊي اي او سيڪنڊري طور پڻ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. مختلف دورن ۾ خدمتون ڏيندڙ هيڊماسترن ۽ استادن جي محنت، انتظامي صلاحيتن ۽ تعليم سان وابستگيءَ سبب هي ادارو علائقي ۾ پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکندو آيو آهي. هن اسڪول مان تعليم حاصل ڪندڙ هزارين شاگرد عملي زندگيءَ ۾ مختلف شعبن سان وابسته ٿي پنهنجي خاندان، ڳوٺ ۽ علائقي جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. انهن شاگردن جي ڪاميابي اداري جي تعليمي خدمتن ۽ استادن جي محنت جو اهم ثبوت آهي. اداري جي ترقيءَ جو سفر اڳتي وڌندو رهيو ۽ 7 سيپٽمبر 2022ع تي اسڪول کي هائير سيڪنڊري جو درجو ڏنو ويو. ان ترقيءَ سان شاگردن کي ميٽرڪ کان پوءِ انٽرميڊيئيٽ تائين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ سهولتون ميسر ٿيون ۽ کين پنهنجي علائقي ۾ ئي ٻارهين جماعت تائين تعليم جاري رکڻ جو موقعو مليو. اهڙيءَ طرح اسڪول پنهنجي روايتي تعليمي ڪردار کي وڌائيندي علائقي جي نوجوانن لاءِ اعليٰ تعليم ڏانهن اڳتي وڌڻ جا رستا آسان ڪيا.

تعليم کاتي جي تازي پاليسيءَ تحت هن اداري کي حب ڪلسٽر جو درجو پڻ حاصل ٿيو آهي، جنهن سان ان جي ذميوارين ۽ اهميت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. هن وقت اسڪول ۾ پرائمري کان ٻارهين جماعت تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. موجود معلومات موجب، اداري ۾ لڳ ڀڳ 40 تدريسي استاد ۽ مجموعي طور 50 ملازم خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته شاگردن جو انگ 1600 کان وڌيڪ آهي. ان کان سواءِ پسگردائيءَ جا 37 اسڪول پڻ هن حب ڪلسٽر جي نگرانيءَ هيٺ اچن ٿا. اهڙي وسيع ذميواريءَ سبب هي ادارو رڳو پنهنجي شاگردن جي تعليم تائين محدود ناهي، پر پرپاسي جي اسڪولن جي تعليمي معاملن ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

موجوده تدريسي عملي ۾ غلام مرتضيٰ شيخ، عبدالغفور ميراڻي، عبدالرزاق گهوٽو، ڪامران مغل، امانت علي لغاري، سڪندر اعظم ڪڪڙ، اسدالله پتو، عبدالڪريم مهر، محمد قاسم پتافي، مقصود احمد مهر، اختر علي شيخ، محمد بخش ڪلوڙ، حزب الله پتو، محمد علي ڪلوڙ، عادل امير بخاري، شير محمد شاهه، عبدالوحيد پيو، شعيب احمد مغل، عبدالڪبير پناڻ، غلام مجتبيٰ شيخ، حمادالله پتو، غلام حسين شيخ، عمران احمد چاچڙ، آصف علي ڪلادي، اظهار احمد سومرو، حبيب الله ڪهاوڙ، ناصر علي سومرو، حيدار علي شاهه ۽ سرفراز علي شاهه سميت ٻيا استاد شامل آهن، جيڪي شاگردن کي تعليم ڏيڻ ۽ اداري جي تدريسي سرگرمين کي جاري رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. استادن جي ذميواري رڳو نصابي تعليم تائين محدود ناهي، پر شاگردن ۾ نظم ۽ ضبط، اخلاقي قدرن، سماجي ذميوارين ۽ علم سان محبت پيدا ڪرڻ پڻ ان جو اهم حصو آهي.

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٿيلو مومل جي ماڙيءَ جي تاريخي سفر مان ظاهر ٿئي ٿو ته مقامي ماڻهن جي علم دوستي، استادن جي محنت ۽ وقت سان گڏ تعليمي ضرورتن ۾ ٿيندڙ واڌاري هن اداري کي پرائمري اسڪول کان هائير سيڪنڊري سطح تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ قائم ٿيل هي درسگاهه اڄ هزارين شاگردن کي تعليم فراهم ڪرڻ سان گڏ پرپاسي جي اسڪولن جي نگرانيءَ جي ذميواري به نڀائي رهي آهي. ان جي تاريخ علم سان وابستگي، تعليمي جدوجهد ۽ علائقي جي ترقيءَ جي هڪ اهم ڪهاڻي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن تاريخي تعليمي ادارن کي وڌيڪ سهولتون، جديد تدريسي وسيلا ۽ گهربل انتظامي سهڪار فراهم ڪيو وڃي، جيئن اهي بدلجندڙ تعليمي تقاضائن مطابق پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتي نموني ادا ڪري سگهن. گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٿيلو مومل جي ماڙي اڄ به علم جي شمع روشن ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي اڳتي وڌائيندي نئين نسل جي مستقبل سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 01

۽ انٽرنيٽ جي سهولت جي فراهمي واري تقريب کي خطاب ڪندي چئي. وزيراعظم چيو ته نوجوانن کي تعليم سان روشناس ڪرائڻ اسان جي ذميواري آهي. شاگردن کي ميرٽ جي بنياد تي ڪروم بڪس فراهم ڪئي پئي وڃي. باصلاحيت شاگرد پاڪستان جو حقيقي اثاثو آهن. 5 لک شاگردن ۾ ڪروم بڪس 2 سالن جي مدي ۾ ورهايا ويندا. شهباز شريف جو چوڻ هو ته پاڪستان جي هوشيار شاگردن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ عظيم سفر جي شروعات ڪري رهيا آهيون. ماضي ۾ نوازشريف جي اڳواڻي ۾ 6 لک شاگردن ۾ ليپ ٽاپس ورهايا ويا. هن جو چوڻ هو ته ذهانت ۽ قابليت کي غربت يا امارت ۾ قيد نه هجڻ گهرجي، اهو صرف محنت جي بنياد تي هجڻ گهرجي. دانش اسڪولن ۾ ڪاڌي ۽ رهائش جي سهولت به فراهم ڪئي پئي وڃي. انهي تقريب جي حوالي سان سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ وفاقي وزير اطلاعات، نشريات عطاالله تارڙ ٻڌايو هو ته تقريب ۾ سموري ملڪ مان نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 02

ڊونگ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سي پيڪ، واپار ۽ علائقائي امن سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. پرڏيهي وزارت جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب ملاقات ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون جي اڳڀرائي ۽ گڏيل لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ اسحاق ڊار پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مضبوط لازوال اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل پائيداري ۾ مسلسل اڳڀرائي جي تعريف ڪئي. انهي تعاون ۾ پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ)، علائقائي رابطن کي هٿي، واپار ۽ سرمائيڪاري سميت مختلف شعبا شامل آهن. ملاقات جي دوران زرعي شعبي کي جديد طريقي تي قائم ڪرڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ رابطا وڌائڻ جي حوالي سان جاري تعاون جو به جائزو ورتو ويو. نائب وزيراعظم نئين دور ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ گڏيل مستقبل جي حامي ڪميٽي کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ اعليٰ سطح جي مسلسل تبادلن جي اهميت تي زور ڏنو. پرڏيهي وزارت موجب ٻنهي اڳواڻن علائقائي صورتحال بابت معاملن تي به پنهنجي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. انهي موقعي تي خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ جي لاءِ ڳالهيون ۽ سفارتڪاري جي اهميت جي توثيق ڪئي وئي.

بقايا *** 03

ن وڌي وين ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ، کاڌ خوراڪ جي مهانگائي ۽ آمدورفت جي وڌندڙ خرچن سبب عام ماڻهوءَ لاءِ معاشي ڏکيائيون وڌيڪ وڌي وين آهن. محدود آمدني تي گذارو ڪندڙ پگهاردار طبقي، ڏهاڙي مزدورن، پينشنرن ۽ گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ روزاني خرچ پوري ڪرڻ وڌيڪ مشڪل بڻجي رهيو آهي سرڪاري انگن اکرن موجب، مالي سال 2026_27 جي پهرين لڳ ڀڳ چئن مهينن دوران پيٽرول جي قيمت ۾ 26.11 سيڪڙو ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 26.39 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. جڏهن ته پاڪستان اداري ڳڻپ جي حساس قيمتن واري هفتيوار اشاري (SPI) موجب 2 جولاءِ کان 22 آڪٽوبر 2026ع تائين 51 ضروري شين جي مجموعي قيمتي اشاري ۾ 5.81 سيڪڙو اضافو ٿيو

بقايا *** 04

سگهي ٿو، جنهن جي هو تياري به ڪري رهيو آهي. ياد رهي ته 27 آڪٽوبر تي اسرائيل جي اندر چونڊون شروع ٿي رهيون آهن جنهن ۾ اسرائيلي ووٽر پنهنجي ايندڙ وزيراعظم جي چونڊ ڪندا. جڏهن ته 3 نومبر تي آمريڪا ۾ مڊٽرم چونڊون ٿينديون جنهن ۾ ايوان جي سمورين 435 ۽ سينيٽ جي 35 سيٽن تي چونڊ مقابلا ٿيندا انهي کان علاوه 36 آمريڪي رياستن ۾ گورنرز جون چونڊون به ٿينديون. ٽرمپ جي پنهنجي بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته 3 نومبر جي مڊٽرم چونڊن کان اڳ ايران تي ٻيهر حملن جو امڪان گهٽ آهي. چونڊن ۾ ٽرمپ جي ريپبلڪن پارٽي کي ڪانگريس جي هڪ ايوان پر امڪاني طور تي ٻنهي ايوانن ۾ پنهنجي اڪثريت وڃائڻ جو خطرو پيش آهي. انهي جو هڪ ٻيو سبب جنگ سبب آمريڪا ۾ تيل جون وڌندڙ قيمتون آهن جنهن عوام ۾ زندگي گذارڻ دوران خرچ جي حوالي سان ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي آهي. بلومبرگ موجب ٽرمپ چيو هو ته وچ اوڀر جي جنگ ڪجهه هفتن ۾ ختم ٿي ويندي پر هاڻ انهي جنگ جي وڌيڪ شخت اختيار ڪرڻ جا آثار نظر اچي رهيا آهن ٽرمپ اڳ ئي 3 بحري ٻيڙا ۽ وڌيڪ 10 هزار فوج عرب ملڪن طرفان روانو ڪري چڪو آهي.

بقايا *** 05

ايم پاڪستان آهي. سندس چوڻ هو ته اها جماعت موروثي سياستدانن جو گروهه نه، پر وچولي طبقي جي نمائندگي ڪندڙ تحريڪ آهي، جيڪا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان شهري سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي انهن خيالن جو اظهار هن نارٿ ڪراچي ٽائون پاران عوامي رابطي جي مهم تحت منعقد ڪيل هڪ اجتماع کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي حق پرست سنڌ اسيمبلي ميمبر عبدالوسيم ۽ جمال احمد، ايم ڪيوايم پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر، ڪارڪن، علائقي جا معزز ماڻهو ۽ مقامي ذميوار وڏي انگ ۾ موجود هئا. وسيم اختر چيو ته ايم ڪيو ايم جي ڊگهي سياسي جدوجهد جي نتيجي ۾ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ۽ بااختيار مڪاني حڪومتن جو نظام قائم ڪرڻ جي راهه هموار ٿي رهي آهي. سندس چوڻ موجب، شهري سنڌ جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ بااختيار مڪاني حڪومتون لازمي آهن ۽ جماعت ان مقصد لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. هن چيو ته 22 آگسٽ 2016ع کانپوءِ پارٽي اڳواڻ ڏکين حالتن ۾ ذميواريون سنڀاليون. سندس بقول، هڪ پاسي جماعت کي ڪمزور ۽ ورهائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون هيون، ته ٻئي پاسي پارٽي ۽ ڪارڪنن کي متحد رکڻ هڪ وڏو چيلينج هو. وسيم اختر چيو ته سمورين ڏکيائين باوجود ايم ڪيوايم پنهنجي سياسي سڃاڻپ برقرار رکي ۽ وچولي طبقي جي نمائندگيءَ واري دعويٰ سان جدوجهد جاري رکي. ڪراچيءَ جي اڳوڻي ميئر پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي حڪومت جو ذڪر ڪندي چيو ته قومي اسيمبليءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي ست ووٽن جي حمايت سان عمران خان وزيراعظم بڻيو هو. سندس چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم کي اميد هئي ته پي ٽي آءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا پراڻا مسئلا حل ڪندي، پر سندس دعويٰ موجب شهري سنڌ جي عوام جون اميدون پوريون نه ٿيون. وسيم اختر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي بيانن تي تنقيد ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ ۽ شهري علائقن جا مسئلا سمجهڻ لاءِ ماضيءَ جي حالتن کان واقف هجڻ ضروري آهي.

بقايا *** 06

پيش مسئلن سبب آبادگارن جون پريشانيون مسلسل وڌي رهيون آهن، جنهن جا اثر نه رڳو هارين پر عام شهرين ۽ صوبي جي مجموعي معيشت تي پڻ پئجي رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچيءَ ۾ فنڪشنل ليگ هائوس تي اڳوڻي وفاقي وزير خير محمد جوڻيجو سان ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جو سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم، ناصر جبار نظاماڻي ۽ پير احمد سعيد جان سرهندي پڻ موجود هئا. سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پوک پنجاب کان اڳ شروع ٿيندي آهي، ان باوجود حڪومت طرفان ٻج جي قيمت ۽ ٻين ضروري زرعي معاملن بابت بروقت پاليسيءَ جو اعلان نه ٿيڻ سبب آبادگار سخت پريشانيءَ جو شڪار آهن. حڪومت کي گهرجي ته ڪڻڪ جي پوک واري موسم کي نظر ۾ رکندي ٻج جي قيمتن، پاڻ جي دستيابي ۽ ٻين زرعي ضرورتن بابت واضح پاليسي جوڙي، جيئن هاري وقت سر فصل جي پوک ڪري سگهن ۽ کين غير يقيني صورتحال کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن چيو ته ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪرڻ

بقايا *** 07

ي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿي. تقريب ۾ ملڪ جي سياسي، سماجي، سفارتي، عدالتي، انتظامي، تعليمي، ڪاروباري، صحافتي ۽ فنون لطيفه سان لاڳاپيل ممتاز شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جو مقصد مختلف شعبن ۾ غيرمعمولي خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن جي حوصلاافزائي ڪرڻ ۽ سندن قومي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ هو. ان موقعي تي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شخصيتن کي ايوارڊز ۽ يادگاري شيلڊون پيش ڪيون ويون. اهم شخصيتن جي شرڪت تقريب جي خاص مهمانن ۾ گورنر گلگت بلتستان سيد مهدي شاهه، صوبائي وزير محنت ۽ افرادي قوت سعيد غني، سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج ۽ وفاقي شرعي عدالت جي اڳوڻي چيف جسٽس جسٽس (ر) اقبال حميد الرحمان، سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار سرفراز راجڙ، صلاحڪار طارق حسن، پاڪستان ايڪسيلينس ڪلب جو پيٽرن ان چيف محمد اقبال قريشي، چيئرمين حميد پتو، صدر شاهد بوبي ۽ ايڪسيلينس ورلڊ جو سيڪريٽري جنرل عبدالسلام دادا پائي سميت ٻيون اهم شخصيتون شامل هيون. مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتن تي اعزاز سفارتي خدمتن جي شعبي ۾ فلپائن، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي قونصل جنرلز ۽ پاڪستان ۾ ويٽنام ٽريڊ مشن جي سربراهه کي سندن خدمتن جي اعتراف ۾ اعزازن سان نوازيو ويو. عدليه ۽ قانون جي شعبي ۾ جسٽس (ر) اقبال حميد الرحمان ۽ جسٽس (ر) ماجده رضوي کي عدالتي خدمتن، قانون جي بالادستي ۽ قانوني سڌارن جي حوالي سان سندن نمايان خدمتن تي ساراهيو ويو. گورنر گلگت بلتستان سيد مهدي شاهه کي آئيني قيادت ۽ علائقائي ترقي جي اعتراف ۾ ايوارڊ ڏنو ويو. قومي سلامتي، دفاعي ابلاغ ۽ پوليس انتظاميا جي شعبن ۾ بريگيڊيئر محمد يعقوب اعوان، بريگيڊيئر (ر) حارث نواز، ايس ايس پي عرفان علي بهادر ۽ ايس ايس پي الينا راجپر کي نمايان خدمتن تي اعزاز پيش ڪيا ويا.

بقايا *** 08

نلز کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس اختيارين موجب جهانگير روڊ پرسان پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ڪانپوءِ زخمي سميت ٻن جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ طيب ولد ابراهيم ۽ نصير ولد عبدالعزيز طور ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدارن جي قبضي مان پستول، گوليون ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 09

ي بازياب ڪرائي ورتو آهي. اورنگي ٽائون ٿاڻي ۾ ڪيس الزام نمبر 2026/873 تاريخ 23 آڪٽوبر 2026ع تي داخل ڪيو ويو. جنهن جي مدعي علي رضا ولد محمد انور رپورٽ داخل ڪرائي ته تاريخ 22 آڪٽوبر 2026ع تي سندس گهرواري ماريه ۽ 2 ٻارن حسنين علي ۽ عبدالهادي کي اڻڄاتل جوابدار اغوا ڪري کڻي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي اورنگي ٽائون پوليس ٽيم جاچ ٽيم فوري ڪارروائي عمل ۾ آڻيندي مدعي ڪيس کان ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ انهي جي نشاندهي تي بلوچ ڳوٺ، اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد ۾ ڪارروائي ڪندي هڪ گهر مان مغوي عورت ماريه ۽ ٻن ٻارن حسنين علي ۽ عبدالهادي کي حفاظت سان بازياب ڪرائي ورتو پوليس ڪارروائي جي دوران اغوا جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار اسد بلوچ ۽ مرتضيٰ بلوچ واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا جن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهي. ايس پي انويسٽيگيشن ويسٽ جي ترجمان موجب بازياب ٿيل عورت ۽ ٻنهي ٻارن کي سٽي عدالت سگوري جي آڏو پيش ڪيو ويندو، واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. جڏهن ته قانوني گهرجن موجب ضروري ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي.

بقايا *** 10

ار غلام قادر بروهي بيماري سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو سندس وفات جي خبر ٿي جي يو آءِ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پکڙجي وئي. جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي، قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو، ضلعي جيڪب آباد جي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري، جنرل سيڪريٽري مولانا سميع الله سواتي، ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا سليم الله بروهي، اسدالله حيدري، تاج محمود امروٽي ۽ ٻين اڳوڻن مرحوم جي وفات تي انتهائي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي تعزيتي بيان ۾ چيو ته هو جي يو آءِ جو قيمتي اثاثو هو. جنهن جماعت جي تنظيمي سرگرمين ۽ سالار جي شعبي ۾ پنهنجي ذميوارين کي بهترين نموني نڀايو هو هڪ مخلص، باهمت، انسان دوست ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار نوجوان هو، جنهن هميشه جماعت جي مشن ۽ مقصدن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. مرحوم جي شخصيت ۾ سادگي، عاجزي، خلوص ۽ انسانيت سان محبت نمايان هئي، جڏهن ته هو پنهنجي خاموش ۽ مثبت طبيعت سبب هر ڪنهن وٽ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.

بقايا *** 11

۾ لاٿ جا امڪان وڌي ويا آهن. ذريعن موجب پاڪستان پهتل ٻنهي جهازن ۾ مجموعي طور 7 هزار 603 ميٽرڪ ٽن ايل پي جي پورٽ قاسم آندي وئي. ايس ايس جي سي جي ٽرمينل تي 'پرياناس' نالي جهاز 4 هزار 250 ميٽرڪ ٽن، جڏهن ته اينگرو ٽرمينل تي 'اليزا ون' نالي جهاز 3 هزار 83 ميٽرڪ ٽن ايل پي جي لاٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سپلائي ڪان ايران جي سرحدي رستي ذريعي به ايل پي جي جي رڪيل فراهمي ٻيهر شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. مارڪيٽ ذريعن موجب ايل پي جي جي فراهمي بهتر ٿيڻ سان سپلائي جي اگهن ۾ لاٿ اچي سگهي ٿي.

بقايا *** 12

متي ٽولو من گهڙت ڳالهيون ڪري پيٽرول تي ليوي پئي سميت عوام مٿان ٽيڪس جي ڀرمار ڪري عوام جي کيسن تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي. جن پنهنجي ڦهري ڪاروائين ذريعي ۽ ڪچي توڙي پڪي جي ڏاڙيلن جو فرق ختم ڪري ڇڏيو آهي. ديانتدار قيادت، ڪفايت شعاري ۽ خودداري سان ئي ملڪ کي بحران ۽ عوام کي مسئلن مان نجات ڏياري سگهجي ٿو. هن اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته مهانگائي، بيروزگاري ۽ ٻڪ بدحالي عوام جا لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن. ٻئي طرف حڪمران ٽولو پنهنجو شاهاڻو انداز ختم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. جنگ ايران ۽ آمريڪا ۾ هلندڙ هئي ته شهباز حڪومت ان جو بهانو بڻائي تيل جا اگهه چاڙهي ڇڏيا انڪري ڪنهن به ملڪ جي ڪاميابي رڳو معاشي منصوبن تائين محدود ناهي بلڪ سگهجي ان جي عوام جي زندگيءَ جي معيار ۽ ضرورتن جي پورو ڪرڻ آهي. زرعي ملڪ هجڻ باوجود اٽو مهانگو ٿيڻ حڪومتي ڪرپشن ۽ ناانصافي جو نتيجو آهي. اٽو، کنڊ، ڀاڄيون ۽ گوشت سميت عام ۽ واهپي وارين شين سميت ايل پي جي، بجلي توڙي گئس جي اگهن ۾ گهاٽي توڙ اضافي عام ماڻهو جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. پر قومي اسيمبلي، سينيٽ ميمبرن سميت وزيرن، مشيرن، ججن جرنيلن جي خرچن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ بدران ڇنڊڻ جي اضافو عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي جنهن جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي. عوام هاڻي آزمايل ۽ ظالم ٽولي بدران حافظ نعيم الرحمان جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي جي پرامن جدوجهد ۾ ساٿ ڏئي ڪامياب ڪري ته جيئن سنڌن دردن جو درمان ۽ ظلم کان نجات ملي سگهي.#

بقايا *** 13

رين ۾ ٿيل خوني جهيڙي جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. واقعي جو ڪيس بکري ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ 9 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب جهيڙي دوران هڪ ڌر جا راجا ڪلهوڙو، ضمير ڪلهوڙو ۽ جبار ڪلهوڙو قتل ٿي ويا، جڏهن ته ٻي ڌر جو سپاگو ڪلهوڙو پڻ مارجي ويو واقعي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جن کي علاج لاءِ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي سندن علاج هلندڙ آهي. مسمات صاحب زادي، زاز اعجاز ڪلهوڙو جي فرياد تي پيرل ڪلهوڙو، نادر ڪلهوڙو ۽ مستي خان ڪلهوڙو سميت 9 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي جي سلسلي ۾ ٻنهي ڌرين جا 5 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 14

اختيار ڪري شهرين کان رقم ٺڳيندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون جي اختيارين ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو. جن تي مبينا طور پاڻ کي پاڪ فوج جا آفيسر ظاهر ڪري شهرين کان فراڊ ڪرڻ ۽ انهن کان رقم وصول ڪرڻ جو الزام آهي. گرفتار جوابدارن ۾ مزمل ولد بدرالدين قريشي ۽ حمزه ولد محمد اسلم شامل آهن. اختيارين موجب جوابدار پاڻ کي سينيئر فوجي ۽ سرڪاري آفيسر ظاهر ڪندا هئا. اهي فوجي ۽ سرڪاري ڪاتن ۾ اثر رسوخ ۽ لاڳاپن جون ڪوڙيون دعوائون ڪري پاڪ فوج جي نالي جو غلط استعمال ڪندا هئا. جوابدار شهرين کان بدلين، مقررين ۽ ٻين سرڪاري توڙي دفتري ڪمن جي نالي تي پاڻ کي بااختيار فوجي آفيسر ظاهر ڪري وڏي رقم وصول ڪندا هئا. اختيارين موجب جعلي سڃاڻپ ذريعي شهرين کي دوکو ڏنو ويندو هو ۽ سرڪاري ڪم ڪرائڻ جا ڪوڙا واعدا ڪري پئسا ورتا ويندا هئا. جنهن ٻنهي جوابدارن کي ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو آهي. سندن خلاف ايف آءِ آر نمبر 2026/114 داخل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ تعزيرات پاڪستان جي قلم 109 ۽ پريوينشن آف اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ (پيڪا) ترميمي ايڪٽ 2025 جي قلمن 13، 14 ۽ 16 جو حوالو ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 15

جي وٺي. پوليس موجب اهو واقعو گوجرانوالا ۾ واقع نانڪا چونگي جي پرسان گذريل رات پيش آيو. جتي وليمي جي تقريب ۾ ويندڙ گهوٽ ڪنوار جي گاڏي تي فائرنگ ڪئي وئي. پوليس ٻڌايو ته فائرنگ جي نتيجي ۾ گهوٽ ڪنوار قتل ٿي وئي، مقتوله جي هڪ ڏينهن اڳ شادي ٿي هئي. پوليس موجب واقعي جا سي سي ٽي وي وڊيو به سامهون اچي ويا آهن. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گهوٽ ڪنوار اڇي رنگ جي ڪار ۾ سوار هئا. جوابدار هٿيارن جي زور تي گاڏي کي روڪيو. جوابدار پنهنجا ويڻل هٿ ڇوڪريءَ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ پوءِ جوابدار ڪار ۾ ويٺل ڪنوار مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته مقتول جي والد جي مدعيت ۾ 3 جوابدارن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ ڇوڪريءَ جي ڀيڻ جي دوست به نامزد آهي. قتل ڪندڙ جوابدار ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. ڇوڪريءَ جي گهر وارن رشتو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جوابدار مقتولن جي دوست ڇوڪريءَ جو مائٽ آهي. پوليس موجب فائرنگ کان پوءِ جوابدار فرار ٿي ويو هو. جڏهن ته پوليس ڪيس جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ۽ جوابدارن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 16

آهي. ايڇ آءِ سي سبب متاثر ٻارن جي وڪيل طارق منصور وفاقي حڪومت کي خط اماڻيندي سرڪاري اسپتالن ۾ ٻارن ۾ ايڇ آءِ وي جي مبينه پکيڙ جي معاملي تي وفاقي سطح تي جاچ ڪميشن ناهڻ ۽ طبي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. طارق منصور خط ۾ موقف اختيار ڪيو ته وليڪا اسپتال سميت سرڪاري اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي جا ڪيس تيزي سان وڌي رهيا آهن. هن مطالبو ڪيو ته اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سان گڏ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙي وڃي. خط ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته پاڪستان ڪميشن آف انڪوائري ايڪٽ 2017 جي تحت جاچ شروع ڪئي وڃي ۽ وفاقي جاچ ادارن کي انهي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي طارق منصور مطالبو ڪيو ته ايف آءِ اي، آءِ بي، نيب، ملٽري انٽيليجنس ۽ آءِ ايس آءِ کي جاچ جو حصو بڻايو وڃي. خط ۾ چيو ويو آهي ته ڊريپ ۽ صحت واري قومي اداري سميت لاڳاپيل وفاقي ادارن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ انهي سان گڏوگڏ اسپتالن ۾ ٻارن جي ايڇ آءِ وي سان متاثر ٿيڻ جي واقعن جي گڏيل جاچ ڪئي وڃي. متاثر ٻارن جي وڪيل مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل اسپتالن جي طبي، انتظامي ۽ مالي رڪارڊ کي محفوظ بنايو وڃي ۽ انهي جو فرانزڪ آڊٽ ڪرايو وڃي. طارق منصور وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جاچ ڪميشن جي رپورٽ عوام جي سامهون آندي وڃي ۽ ذميوارن جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا *** 17

اتر ڪوريا جو اڳواڻ ڪم جونگ چين جي سرحدي شهر ڊانڊونگ جو دورو ڪيو. چيني خابرو اداري شنهوا موجب، هن نئين تعمير ٿيل پل تان گذر ڪري چين ۾ داخل ٿيو. ان قدم کي چين ۽ اتر ڪوريا وچ ۾ واپاري لاڳاپا وڌائڻ جي گڏيل ڪوششن جي علامت طور ڏٺو پيو وڃي سرڪاري چيني خابرو اداري شنهوا موجب، ڪم جونگ اُن سان گڏ چين جو ٻيو نمبر اعليٰ عهديدار وانگ هونگنگ پڻ موجود هو، جنهن چيني صدر شي جن پنگ جو نيڪ خواهشن وارا پيغام کيس پهچايو. ڏکڻ ڪوريا جي هڪ سرڪاري عهديدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته ڪم جونگ اُن نئين يالو درياهه واري پل ذريعي ڊانڊونگ پهتو. اها پل اتر ڪوريا ۽ چين کي پاڻ ۾ ڳنڍيندي ٿي. اميد آهي ته هيءَ پل اتر ڪوريا جي ترقيءَ لاءِ گهربل ڳري مشينري، خام مال ۽ توانائيءَ جي شين جي آمدرفت ۾ مددگار ثابت ٿيندي. هلندڙ مهيني ان پل جو باضابطه افتتاح بيجنگ ۽ پيانگ يانگ وچ ۾ وڌندڙ ويجهڙائپ جي تازي نشاني آهي.

بقايا *** 18

عبادت آهي. حلال احمر ٿئو پاران ڪنيل هي قدم نه رڳو هڪ ضرورت مند عورت جي مدد آهي، پر سماج ۾ همدردي، احساس ۽ انسان دوستيءَ جي جذبي کي هٿي ڏيڻ جو پڻ هڪ بهترين مثال آهي. معذور ۽ مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ سان نه رڳو سندن ڏکيائين ۾ گهٽتائي اچي ٿي، پر کين عزت، سهولت ۽ خودمختياريءَ سان زندگي گذارڻ جو موقعو پڻ ملي ٿو. حلال احمر ٿئو جي اهڙين انساني همدرديءَ تي ٻڌل خدمتن کي ساراهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن ضرورت مند جي چهري تي خوشي آڻڻ ئي انسانيت جي حقيقي فتح آهي

بقايا *** 19

ادثي ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو. پوليس نارٿ ناظم آباد ۾ فوڊ رائيڊر جي فوت ٿيڻ واري واقعي ۾ گاڏيءَ ۾ سوار چئن نوجوانن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي تفصيل موجب، اڄ جي صبح سوير نارٿ ناظم آباد ۾ ميٽرڪ آفيس پرسان دل پسند سوئيٽس جي سامهون تيز رفتار گاڏي موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هنيو، جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. فوتيءَ جي سڃاڻپ 28 ورهين جي امتياز طور ٿي، جيڪو اورنگي ٽائون جي بنارس ٽائون جو رهواسي ۽ پيشي جي لحاظ کان فوڊ رائيڊر هو. لاش قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتيءَ جي دوست موجب، امتياز سڄي رات ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجو آخري آرڊر پهچائڻ لاءِ ڊي اي اي چوڪ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. دوست الزام هنيو ته گاڏيءَ ۾ سوار ماڻهو مبينا طور نشي جي حالت ۾ هئا. هن اها دعويٰ پڻ ڪئي ته واقعي واري هنڌ پهتل امتياز جي هڪ دوست کي به تشدد جو نشانو بڻايو ويو امتياز جي ڀاءُ ٻڌايو ته هو گذريل ڇهن سالن کان فوڊ رائيڊر طور ڪم ڪري رهيو هو

بقايا *** 20

جي حدن جي پيچڪڙي ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو اهڙو جواب ڏنو ويندو، جنهن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران تي سياڻي ئي حملو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اهو به ممڪن آهي ته ڪو وڏو معاهدو ٿئي ٿي وڃي. ايران تي حملي بابت سوال جي جواب ۾ ٽرمپ چيو ته هو ڪنهن به امڪاني فوجي ڪارروائي جي وقت بابت ڪجهه نه ٻڌائيندو. هن چيو ته ايران وارو معاملو تمام سٺي نموني اڳتي وڌايو ويو آهي، پر ممڪن آهي ته باقي رهيل ڪم به مڪمل ڪرڻو پوي. آمريڪي رسالي موجب امڪاني حملي جي تيارين لاءِ آمريڪي جهاز بردار جنگي جهاز 'جارج واشنگٽن' وٽ هٿيارن ۽ ميزائلن جي فراهمي پهچائي وئي آهي. رسالي جي دعويٰ آهي ته سعودي عرب، اردن، قطر، گڏيل عرب امارتن ۽ لبنان ۾ آمريڪي سفارتي عملي جي انگ ۾ به گهٽتائي ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 21

۾ نامزد ڇوڪري "ڪومل" کي بازياب ڪرائي ورتو آهي، جڏهن ته مبينه جوابدار امين ولد سليم الدين کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي بابت ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ڪيس جي مدعي محمد عراف شاهد پوليس کي ٻڌايو ته هن اٽڪل هڪ سال اڳ ڪومل سان ڪورٽ ميريج ڪئي هئي، پر نڪاح بعد ڇوڪري جي رخصتي نه ٿي هئي ۽ اها پنهنجي ماءُ سان گڏ رهائش پذير هئي گمشدگي جو واقعو:** مدعي موجب 21 آڪٽوبر تي ڪومل جي ماءُ کيس فون ڪري اطلاع ڏنو ته ڪومل صبح جو اٽڪل 8 بجي گهر مان نڪتي هئي، پر واپس نه آئي. جنهن کان پوءِ معلومات وٺڻ تي ڪ معلوم ٿيو ته ڪومل امين ولد سليم الدين سان رابطي ۾ هئي ۽ هن ان سان پڻ نڪاح ڪري ورتو آهيپوليس ڪارروائي:** مدعي جي قانوني ڪارروائي جي درخواست تي ٿانا مومن آباد جي انويسٽي گيشن ٽيم ڪارروائي ڪندي ڪومل کي بازياب ڪرايو ۽ ڪيس ۾ نامزد مبينه جوابدار امين کي گرفتار ڪري ورتو پوليس جو مؤقف پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جي سڀني پاسن جو جائزو ورتو پيو وڃي ۽ وڌيڪ جاچ کان پوءِ حقيقتون سامهون اينديون.

بقايا *** 22

انڻ جي شعبي ۾ مبينا طور غير مجاز ۽ غير معياري طبي علاج تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهيسوسائٽي جي بورڊ آف گورنرز جي چيئرمين ڊاڪٽر ذوالفقار علي تنيو ۽ ڊاڪٽر طاهر شيخ چيو آهي ته ڪجهه غير مجاز ۽ غير تربيت يافته ماڻهو پاڻ کي ڊاڪٽر ظاهر ڪري هيئر ٽرانسپلانٽ جهڙا حساس طبي ۽ جراحي عمل انجام ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب مريضن جي صحت ۽ زندگين کي خطرا لاحق ٿي سگهن ٿا ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر ذوالفقار علي تنيو ۽ ڊاڪٽر طاهر شيخ چيو ته هيئر ٽرانسپلانٽ رڳو هڪ سينگار جي سهولت نه، پر باقاعده طبي ۽ جراحي عمل آهي، جيڪو صرف اهل ۽ قانوني اجازت رکندڙ ڊاڪٽر جي نگرانيءَ ۾ محفوظ طبي ماحول اندر ٿيڻ گهرجي. هنن خبردار ڪيو ته علاج جي ناقص طريقن ۽ انفيڪشن کان بچاءَ جي اصولن جي پيچڪڙي سبب مريضن کي مختلف پيچيدگين کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. انهن ۾ انفيڪشن، هيپاٽائٽس بي ۽ سي جي منتقلي، وارن جي غير فطري لائين، وارن جي غلط رخ ۾ واڌ ۽ وارن جي منتقلي لاءِ استعمال ٿيندڙ حصي (ڊونر ايريا) کي نقصان پهچڻ جهڙا مسئلا شامل آهن. ڊاڪٽر ذوالفقار علي تنيو سنڌ حڪومت ۽ وفاقي ادارن آڏو پنج اهم مطالبا پيش ڪندي

بقايا *** 23

ايران تي سياڻي ئي حملو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اهو به ممڪن آهي ته ڪو وڏو معاهدو ٿئي ٿي وڃي. ايران تي حملي بابت سوال جي جواب ۾ ٽرمپ چيو ته هو ڪنهن به امڪاني فوجي ڪارروائي جي وقت بابت ڪجهه نه ٻڌائيندو. هن چيو ته ايران وارو معاملو تمام سٺي نموني اڳتي وڌايو ويو آهي، پر ممڪن آهي ته باقي رهيل ڪم به مڪمل ڪرڻو پوي. آمريڪي رسالي موجب امڪاني حملي جي تيارين لاءِ آمريڪي جهاز بردار جنگي جهاز 'جارج واشنگٽن' وٽ هٿيارن ۽ ميزائلن جي فراهمي پهچائي وئي آهي. رسالي جي دعويٰ آهي ته سعودي عرب، اردن، قطر، گڏيل عرب امارتن ۽ لبنان ۾ آمريڪي سفارتي عملي جي انگ ۾ به گهٽتائي ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 24

ج جي دهشتگرد ڪمانڊر عادل شاهه عرف درويش کي ماري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگرد ڪمانڊر ڊسمبر 2020ع کان فتنه الخوارج سان لاڳاپيل هو. جڏهن ته 2024ع کان هو دهشتگرد گروهه جي مالي معاملن جي نگراني ڪري رهيو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگرد غير مقامي دهشتگردن کي وٽ، شيراني ۽ شعبان وارن علائقن ۾ رهائش فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو. ان کان علاوه هو 2022ع ۽ 2023ع کان سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۽ پئنگ لاءِ اغوا جي وارداتن ۾ به ملوث رهيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل خارجي ڪمانڊر خلاف دهشتگرديءَ جي خاتمي وارين عدالتن ۾ 19 ڪيس داخل هئا. جڏهن ته سندس گرفتاريءَ ۾ مدد لاءِ 25 لک رپيا انعام مقرر ڪيو ويو هو.

بقايا *** 25

ت ۽ پارٽي اڳواڻ محمد دانش خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ڪئي آهيهن وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو. سينيئر صحافي عثمان جاويد ملڪ جي مامي علي اڪبر جي لاڏاڻي تي پڻ افسوس جو اظهار ڪندي سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪئيمحمد دانش خان جي لاڏاڻي تي پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مرحوم ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي پليٽ فارم تان ڪاروباري برادري سميت سياسي ۽ سماجي شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندوپيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم محمد دانش خان جي مغفرت فرمائي، کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس وارثن کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل ۽ حوصلو عطا فرمائيبلاول ڀٽو زرداري سينيئر صحافي عثمان جاويد ملڪ جي مامي علي اڪبر جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي عثمان جاويد ملڪ سميت سمورن سوڳوارن سان دلي تعزيت ۽ همدردي ڪئي هن مرحوم علي اڪبر جي مغفرت، درجن جي بلندي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعا ڪئي، جڏهن ته عثمان جاويد ملڪ ۽ ٻين وارثن لاءِ صبر جميل ۽ حوصلي جي پڻ دعا گهري.

بقايا *** 26

ي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي ڪڻڪ جي فراهمي وڌائڻ سميت سمورا ضروري قدم کڻڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. اسحاق ڊار چيو ته خوراڪ جي تحفظ ۽ ضروري شين جي مناسب اگهن تي دستيابي حڪومت جي ترجيح آهي. جڏهن ته ذخيره اندوزي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ملڪ ۾ روزمره استعمال وارين شين جا ذخيرا اطمينان جوڳا آهن. جڏهن ته ڪڻڪ جا ذخيرا ايندڙ ڪرشنگ سيزن تائين ملڪي ضرورتن لاءِ ڪافي آهن.

بقايا *** 27

پنهنجي تعزيتي بيان ۾ سيد ناصر حسين شاهه، علي خورشيدي ۽ سندس ڪٽنبين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته عزيز جي وڇوڙي جو صدمو انتهائي گهرو هوندو آهي ۽ ان ڏک جي گهڙيءَ ۾ هو سوڳوار خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهن. سنڌ جي بلديات کاتي واري وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم سيد حسن شاهد جي ڪامل مغفرت فرمائي، کيس جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام ۽ بلند درجات عطا فرمائي، ۽ پوئينئرن کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا *** 28

ن ڪان سواءِ صوبو نٿو هلي سگهي، صوبي کي پيش ايندڙ مسئلن جو حل وفاق سان گڏجي ئي ممڪن آهي. صوابي ۾ اجتماع ۾ شرڪت جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته وفاق ۽ ٻين صوبن سان خوشگوار ۽ پائيدار لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ منهنجي ترجيحات ۾ شامل آهي. هن چيو ته ڇهن مهينن جو وقت ڏنو ويو هو ۽ هوندو آهي. سڀني کي دهشتگردي جي خلاف جنگ گڏجي وڙهڻي پوندي. چيلينج جي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون. گورنر چيو ته حدخلين جي خلاف بنا ڪنهن فرق ۽ قانون موجب ڪاروائي ٿيڻ گهرجي، قانون جو لاڳو سڀني کان پهريان پاڻ تي ڪندس. هن چيو ته ميڊيا کي تنقيد براءِ اصلاح جو مڪمل حق حاصل آهي. مثبت تنقيد سان ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي آهي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ انقلاب آڻڻو پوندو. جڏهن ته ادارن ۾ حقيقي بهتري ۽ عوام کي بهتر سهولتن جي فراهمي جي لاءِ انقلابي قدم ضروري آهن.

بقايا *** 29

ي ۾ سمورا 7 ڄڻا فوت ٿي ويا. ريسڪيو اختيارين به حادثي ۾ 7 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ريسڪيو اختيارين موجب گاهه سان ڀريل جيپ ۾ 2 ٻارن سميت 7 ڄڻا سوار هئا، ڏکئي رستي تي ڊرائيور جيپ تي ڪنٽرول نه رکي سگهيو جنهن سبب گاڏي اونهي کاهي ۾ ڪري پئي. اختيارين موجب ريسڪيو ٽيمن کي حادثي واري هنڌ تائين پهچڻ ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو جنهن کان پوءِ اختيارين ڊرائيور عبدالوحيد سميت سمورن 7 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي جڏهن ته جيپ شڪرپٽيان کان سيري دره وڃي رهي هئي.

بقايا *** 30

سگهجن وزيراعليٰ سنڌ جي بحالي واري کاتي جي صلاحڪار، گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته موبائل هيلٿ يونٽس ذريعي هينئر تائين لکين مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته ليبارٽري ٽيسٽون ۽ ٻيون تشخيصي سهولتون پڻ ڏنيون وينيون جنگيانچند ايسراڻي تفصيل ٻڌائيندي چيو ته موبائل ڊائيگنوسٽڪ ۽ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروسز تحت جون 2016 کان سيپٽمبر 2026 تائين مجموعي طور 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته 12 لک 74 هزار 322 ليبارٽري ۽ ٻيون طبي ٽيسٽون ڪيون ويون. هن چيو ته هن وقت اداري تحت سنڌ جي 17 ضلعن ۾ 20 موبائل يونٽس خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جن ۾ 13 موبائل ڊائيگنوسٽڪ يونٽس ۽ 7 موبائل هيلٿ يونٽس شامل آهنعمرڪوٽ سول اسپتال ۾ قائم ماڊل موبائل اسپتال جون خدمتون اهم ڪاميابي آهي

بقايا *** 31

ن آهي، موسميات کاتي موجب شهر جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 21.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو شهر ۾ اتراوبر طرف کان 4 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوا گهلي رهي آهي. جڏهن ته صبح جي وقت هوا ۾ گهم جي شرح 50 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اڄ ۽ سڀاڻ ۾ گرمي پد 38 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 32

س موجب جوابدار وٽان قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار ۽ مقتولا توڙي سندس ٻارن جا موبائل فون به هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس موجب 23 آڪٽوبر تي لياقت آباد نمبر 6 جي چوڙي واري گهٽيءَ ۾ رهائشي عمارت جي فليٽ مان 30 ورهين جي شيريا جو گلو ڪپيل لاش هٿ آيو هو واقعي جو ڪيس مقتولا جي ڀاءُ جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو. فريادي مقتولا جي دوست مبين کي ڪيس ۾ نامزد ڪيو هو جيڪو واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو هو. پوليس ٻڌايو ته جوابدار کي گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ مخبرن جي ڄاڻ تي ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو. ٽيڪنيڪل مدد ۽ ڪيو ويو اختيارين موجب شروعاتي جاچ دوران جوابدار مبين ٻڌايو ته تلخ ڪلاميءَ دوران ڪاوڙ ۾ اچي ان تيز ڌار اوزار جا وار ڪري شيريا کي قتل ڪيو. جوابدار موجب واردات ڪانپوءِ هن ڪپڙا تبديل ڪيا ۽ رت لڳل ڪپڙا ڪچري کنڊڙ گاڏيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيا ته جيئن ثبوت لڪائي سگهجن. پوليس موجب مقتولا جو مڙس روزگار جي سلسلي ۾ پرڏيهه ۾ رهائش پذير آهي.

بقايا *** 33

خلاف احتجاج جو سلسلو جاري آهي، پرڏيهي ميڊيا موجب اٽلي جي راڄڌاني روم ۾ مظاهرين ۽ پوليس جي وچ ۾ ڇڪيون ٿيون جنهن دوران پوليس 11 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته 96 ڄڻا لاڪپ آهن. انهي کان علاوه ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ به احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو هو ڏانهن اسپين جي راڄڌاني بارسلونا ۾ مظاهرين ۽ پوليس جي وچ ۾ ڇڪيون ٿيون جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا.

بقايا *** 34

رگرمين جي ڪيسن ۾ عدالت هڪ درجن کان وڌيڪ جوابدارن کي قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري (اين سي سي آءِ اي) جي تحويل ۾ ڏئي ڇڏيو اين سي سي آءِ اي جي ڪراچي زون دعويٰ ڪئي آهي ته 23 آڪٽوبر تي گلستان جوهر جي رابعه سٽي ۾ ڇاپو هڻي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ڪارروائي دوران ٽن ڪمپنين کي نشانو بڻايو ويو جن تي مبينا طور جنسي مواد رکندڙ متحرڪ ڪارٽون، ٻارن جي جنسي استحصال جي ٻڌل متحرڪ مواد، فحش ڊجيٽل مواد تيار ڪرڻ، ان جي تشهير ۽ ان کي آن لائين وڪڻڻ جو الزام آهي. جوابدار کين ڊجيٽل گرافڪس ڊيزائننگ جون ٻيون خدمتون فراهم ڪرڻ ج

بقايا *** 35

ڀنڊڙ ڪاروچ ۾ ٽڪر ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 4 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، زخمين کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو دوران هڪ ٻي زخمي عورت به دم ڏئي ويئي فوتين ۾ 2 مرد، 2 عورتون ۽ هڪ ٻار شامل آهن جن جو تعلق ضلعي مٽياريءَ سان ٻڌايو پيو وڃي. حادثي ڪانپوءِ بس جو ڊرائيور فرار ٿي ويو، جنهن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

جو مطالبو احتجاج ڪندڙ پيرسن پنهنجي پٽن ۽ خاندان جي ماڻهن سان گڏ احتجاج ڪندي حزب الله عرف چنچر ميمڻ صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو ته سندس والد حاجي محمد ميمڻ جي سروي زمين ديهه ولهار ضلعي سجاول ۾ آهي، جيڪا مفتي نظير عمراڻي جي فيصلي موجب کين ملي هئي. هن چيو ته زمين ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن سميت ڪل اٺ حصيدار آهن. هن الزام هڻندي چيو ته بااثر مولوي عبدالشڪور ميمڻ ۽ مولوي اسماعيل ميمڻ زمين تي قبضو ڪري ويٺا آهن هن وڌيڪ چيو ته قبضي واري ڌر جو موقف آهي ته اها زمين کين مولوي اسلم ميمڻ ڏياري آهي، جڏهن ته اسان جي زمين اسان جي والد جي نالي تي آهي ۽ اسان وٽ سرڪاري ڪاتو پڻ موجود آهي ۽ اسان سان ناانصافي تي رهي آهي اسان کي پنهنجي جائز حق کان محروم ڪيو پيو وڃي. پيرسين حزب الله عرف چنچر ميمڻ اعليٰ اختيارين ۽ ڊپٽي ڪمشنر سجاول کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي زمين جي رڪارڊ جي جاچ ڪرائي اسانکي جائز حق ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

سن عورت عصمت خاتون زال شعاب الدين سنديلو پنهنجي ڀينرن رخسانه خاتون، بينظير خاتون، ڀاڻيجي ذيشان ۽ پٽ وقار علي سنديلو سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته ملڪيت جي معاملي تان بااثر چاچي حاجي امتياز سنديلو پنهنجي هٿياربند ساٿين سان گڏجي گذريل 21 آڪٽومبر تي منهنجي ڀاءُ جاويد علي سنديلو کي ڳوٺ مان زبردستي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪرڻ بعد ڪيس گم ڪري ڇڏيو آهي، اهڙو اطلاع اسان حد جي يونيورسٽي ٿاڻي تي ڏيڻ سميت علائقي جي معززن توڙي ايس ايس پي آفيس ۾ دانهون ڪيون آهن. پر ان باوجود هن وقت تائين ڪوبه تدارڪ ناهي ڪيو ويو. هن چيو ته خدشو آهي ته بااثر چاچو حاجي امتياز سنديلو ملڪيت جي لالچ ۾ اچي ڀاءُ جاويد سنديلو کي قتل يا ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي ڇڏيندو، جنهن کي علائقي جي ڪجھ بااثرن جي سپورٽ پڻ حاصل آهي، جنهن ڪري هو اسان جي مرحوم والد عبدالحڪيم سنديلو جي سموري ملڪيت هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هن پاران اسان کي خاموش رهڻ لاءِ ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر چاچي ۽ سندس ساٿين خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ ڀاءُ کي بازياب ڪرائڻ بعد اسان حوالي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 03

وجي قتل جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ ڳڻتي ۽ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. وارثن موجب مقتولا جي مڙس کي به هڪ سال اڳ قتل ڪيو ويو هو، جڏهن ته هاڻي بيواهه عورت جي قتل جو الزام سندس ڏير راشد سميجو تي لڳايو ويو آهي. وارثن جي ڄاڻ موجب هڪ سال اڳ مڙس جي قتل ڪانپوءِ صائمه سمون بيواهه زندگي گذاري رهي هئي، پر هاڻي سندس قتل واري واقعي علائقي ۾ ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. عورت جي قتل جو الزام سندس ڏير تي لڳايو ويو آهي، جڏهن ته واقعي جا اصل ڪارڻ ۽ ٻيون حقيقتون جاچ ڪانپوءِ ئي سامهون اچي سگهنديون. ٻئي طرف پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته نامزد جوابدار راشد سميجو جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا عوامي سوچ 04

ايس ايس پي شڪارپور ۽ لاڳاپيل اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. جوڙي موجب، شادي ڪانپوءِ مرد جي وارثن کي مبينا طور هراسان ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته سندن گهر ساڙڻ جا الزام پڻ سامهون آيا آهن. جوڙي خدشو ظاهر ڪيو آهي ته کين ۽ سندن وارثن کي نقصان پهچائي سگهجي ٿو. جوڙي ايس ايس پي شڪارپور ۽ سنڌ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته کين ۽ سندن وارثن کي فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن ڪنهن به اڻٽنڊڙ واقعي کان بچي سگهجي. هنن اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته وارثن کي مبينا طور هراسان ڪرڻ ۽ گهر ساڙڻ جي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. جوڙي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي کين بنا خوف ۽ دٻاءَ جي زندگي گذارڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

سيڪريٽري کي گهرايو ويو گڏجاڻي ۾ صوبائي قيادت MSF صوبائي صدر محمد محسن هنگورو، سينئر نائب صدر نويد گاڏي واڻ، جنرل سيڪريٽري نقاش مري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري فقير محب مگريو، جوائنٽ سيڪريٽري وقار علي جمالي، انفارميشن سيڪريٽري عاطف علي آرائين شرڪت ڪئي ٿرپارڪر MSFضلعي جي بادي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا گڏجاڻي ضلعي ٿرپارڪر صدرحاجي سلطان راجڙ ۽ جنرل سيڪريٽري حبيب الله راهمون صاحب جي اڳواڻي ۾ ٿي ان گڏجاڻي جي موقعي تي ٻورلي محمود شاهه جي گادي نشين سيد سائين ڏنو شاهه الهجاڻيو وڪيو، اڪبر وڪيو نظام الدين راڄڙ، الهجڙيو ۽ ٻيا معزز شريڪ هئا صوبائي قيادت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته تنظيم سازي اسان کي مظبوط ڪرڻي آهي يونس سائين جوچوڻ آهي ته نوجوان قيادت اڳتي اچي هميشه جنهن ٻيڙي ۾ نوجوان شريڪ هوندا اها ٻيڙي ڪڏهن به نه لڏندي محسن هنگورو پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ چيو ته اسان جو ازم آهي ته اسان سنڌ ۾ MSFکي وڌيڪ مظبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 06

ي دل جي وارڊ ۾ ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. واقعي ڪانپوءِ وارثن پاران سول اسپتال جي ڊاڪٽرن تي چٽي تنقيد ڪئي وئي. وارثن جو چوڻ هو ته ڊاڪٽر چندر مالهي کي دل جو دورو پيو هو، جڏهن ته اسپتال پهچڻ بعد وارثن پاران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جو پڻ چيو ويو، جنهن تي ڊاڪٽرن ان ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف ذريعن موجب ڊاڪٽر چندر مالهي جي گهر اندر ڦاهو کائڻ سبب فوت ٿيڻ جي ڄاڻ سامهون آئي آهي. واقعي جا اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ بابت تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن

بقايا عوامي سوچ 07

لاءِ ٻن ڏينهن تي مشتمل راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويا، جن ۾ ڪرڪيٽ، فٽبال، رسي ڇڪڻ ۽ 100 ميٽر ڊوڙڻ جي ريس سميت مختلف راندين جا مقابلا ڪرايا ويا. مقابلن جي اختتامي تقريب مدرسه دارالعلوم سعديه بدين ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن، استادن، عالمن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي مهمانن ميونسپل ڪميٽي بدين جي فوڪل پرسن عبدالڪريم عرف گڏو اديجو ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) حيدرآباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري ملڪ مزمل چيو ته ديني مدرسن جي شاگردن ۾ به راندين جو ڀرپور ٽيلنٽ موجود آهي ۽ اهي ڪنهن به لحاظ کان اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن کان گهٽ ناهن. هنن چيو ته مقابلا ڏسي محسوس ٿيو ته ڪيترن ئي شاگردن ۾ اهڙيون صلاحيتون موجود آهن، جن کي مناسب موقعا ۽ تربيت فراهم ڪري وڌيڪ اجاگر ڪري سگهجي ٿو. اهڙن مقابلن جو انعقاد نه رڳو شاگردن جي حوصلا افزائي ڪري ٿو، پر کين پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم پڻ فراهم ڪري ٿو هنن چيو ته ديني ادارا علم، اخلاق، نظم ۽ ضبط جي تربيت جا اهم مرڪز آهن. جڏهن ته راندين کي تعليمي ۽ تربيتي سرگرمين جو حصو بڻائڻ سان شاگردن جي شخصيت ۾ وڌيڪ نکار اچي سگهي ٿو راندين ذريعي شاگردن ۾ ٽيم ورڪ، برداشت، همت، خوداعتمادي، مقابلي جو مثبت جذبو ۽ هڪ ٻئي جي احترام جهڙيون خوبيون پيدا ٿين ٿيون. جيڪي سندن عملي زندگيءَ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿين ٿيون ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر انور علي روشن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ان کان اڳ ضلعي ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن لاءِ راندين جا مقابلا ڪرايا ويا آهن، جڏهن ته گهٽين ۽ پاڙن ۾ راندين ۾ دلچسپي رکندڙ ٻارن کي به مختلف مقابلن جا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن. هن چيو ته ديني مدرسن جي شاگردن لاءِ اهڙا مقابلا پهريون ڀيرو منعقد ڪرايا ويا آهن، جن جو مقصد انهن ۾ موجود لڪل صلاحيتن کي سامهون آڻڻ ۽ کين راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته مدرسي جي شاگردن ۾ ٽيلنٽ، نظم ۽ ضبط، استادن ۽ وڏن لاءِ ادب ۽ احترام ڏسي کيس تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. اهڙن مقابلن مان ثابت ٿئي ٿو ته جيڪڏهن ٻارن کي مناسب موقعا، سهولتون ۽ رهنمائي فراهم ڪئي وڃي ته اهي هر شعبي ۾ پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪري سگهن ٿا. هن اعلان ڪيو ته مستقبل ۾ به اهڙا مقابلا جاري رکيا ويندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هڪ ڀيرو مدرسه دارالعلوم سعديه بدين ۾ راندين جا مقابلاضرور منعقد ڪرايا ويندا ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مدرسي جي انتظاميا کي صلاح ڏني ته شاگردن جي روزاني معمول ۾ راندين لاءِ به مناسب وقت مقرر ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته راندين سان ٻارن جي جسماني صحت، ذهني نشوونما ۽ شخصيت جي تعمير ۾ مدد ملي ٿي. هن چيو ته تعليم ۽ تربيت سان گڏ صحتمند سرگرمين کي هٿي ڏيڻ سان شاگردن ۾ مثبت سوچ، خوداعتمادي ۽ سماجي ذميواريءَ جو احساس وڌائي سگهجي ٿو تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، اسسٽنٽ اسپورٽس آفيسر عبدالرزاق خاصخيلي، مفتي عبدالغني گوپانگ، مفتي محمد اسماعيل خاصخيلي، عشرت حسين، عبدالعلي گوپانگ، آصف جمالي، ساجد رستماڻي، مدرسي جا استاد، علماءِ ڪرام ۽ شاگرد وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 08

محمد ابراهيم راهمون، سسپال سونارو، ڪنگهار سنگهه ٺڪر ۽ ٻين به هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شرڪت ڪئي هنن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته گروپ انشورنس، بينوئل فنڊ، صحت ڪارڊ، سن ڪوٽا، ميڊيڪل الائونس وڌائڻ جو مطالبو ڪندي پراڻي پينشن پاليسي برقرار رکڻ ۽ پنشن مان ڪٽوتي نه ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو

بقايا عوامي سوچ 09

ڊ يوسف ميراڻي جي نائين ورسي ملهائي وئي، ان موقعي تي ورسي جو جلسو ڪيو ويو، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ سياسي سماجي ماڻهن شرڪت ڪئي. جلسي کي صدارتي خطاب ڪندي قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو ته ڪامريڊ يوسف ميراڻي سنڌ پرست انسان هو، جنهن سنڌ جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪئي، سدائين اڳيرو رهيو ۽ ڪڏهن ٽڪو ڪونه ۽ اڳ کان اڳرو رهيو. اهڙا انسان قومن ۾ تبديلون آڻيندا آهن. عام طور تي ماڻهو پنهنجي اولاد کي سياست ۾ حصو وٺڻ کان روڪيندا آهن. پر يوسف پنهنجن پٽن کي قومپرست سياست ۾ اڳتي اچڻ لاءِ همٿايو. نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته سنڌ کي ٽوڙڻ يا نوان صوبا ٺاهڻ جون سازشون قبول نه ڪنداسين. ڪراچي سنڌ جي دل آهي، سنڌ جي وحدت تي ڪوبه وار قبول ناهي. جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 22 نومبر تي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو. سنڌ جي عوام ڪراچي ۾ گڏ ٿئي، رهبر ڪاميٽي جي ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪري قومي ٻڌي جو ثبوت ڏنو وڃي. نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته سمنڊ، درياهه، زمينن ۽ معدنيات سميت وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. ڀاشا ڊيم ۽ ٻيا ڊيم سنڌو نديءَ ۽ ان جي پرتو درياهن تي قبضي جون رٿائون آهن. ساموندي پٽيءَ تي قبضو ڪيو پيو وڃي. جنهن عمل خلاف قومي سياسي جدوجهد جي ضرورت آهي. جدوجهد وسيلي ئي سنڌ کي بچائي سگهجي ٿو. ميڙاڪي کي بشير ميراڻي خطاب ڪندي چيو ته بابا سائين سياسي سماجي شخصيت هو. سندس جدوجهد سنڌ وطن لاءِ هئي ۽ هن پنهنجي هن علائقي جي ماڻهن لاءِ پاڻ پتوڙيو. ان موقعي تي قادر بخش زئور، شاهد ميراڻي، الطاف ڪوڙ، غلام نبي چنڊاڻي، صحافي حنيف ملاح، وقار ميراڻي، سوڊل ميراڻي، سجاد ميراڻي، محمد حسن ميربحر، معشوق زئور، ساجد ٻارڙ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. جلسي کان اڳ ۾ ڪامريڊ يوسف ميراڻي جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي وئي.

بقايا عوامي سوچ 10

ي اسان جي موبابز التماس آهي ته هي اسڪول جنهن ۾ اسان جي وڏن جو پگهر ۽ رت شامل آهي ان اسڪول تي اگر ڪير آگر کڻي ٿو ته سمجهو منهنجي وجود تي حملو ڪري ٿو ان ڪري منهنجي تعلقي جي ۽ ضلعي جي اعليٰ ايجوڪيشن ڪاتي ۽ روينيو ڪاتي کي اپيل آهي ته هي سرڪاري زمين آهي ان تي ڪنهن جو حق ڪونهي آئون پنهنجي لاءِ ڪون ٿو وڙهان پر هن ڳوٺ جي مستقبل جي معمارن لاءِ وڙهان ٿو ان ڪري منهنجي ڪري نه بلڪه هنن ٻچن جي ڪري ايڪشن کڻو سرڪاري زمين تي قبضو ختم ڪرائي اينڊڙ مستقبل لاءِ واپس ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ اسڪول ۽ ٻچن جي فيوچر لاءِ آئون ميدان ۾ لهندس پوءِ ڪا به رعايت ڪون ٿيندي چاهي مهنجي جان ب هلي وڃي پرواهه ڪونهي آئون تاريخ جو هڪ روشن باب لکي ويندس ته پهريان هن ڳوٺ جا غريب پورهيت مزدورن جا ٻچا پوءِ ٻيون حقيقتون....!!!اعليٰ اختيارن کي اپيل آهي ته فلفور ايڪشن کنيو وڃي ٻي صورت ۾ وڌيڪ ڪشيدگي جو خطرو آهي..!

بقايا عوامي سوچ 11

ڪري ڇڏيو. ٻنهي جوڙن پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻنهي جوڙن پنهنجي مائٽن ۽ ظالم پٽيلن کان تحفظ جي اپيل ڪندي چيو ته اسان کي پنهنجي مرضيءَ سان گڏ رهڻ ڏنو وڃي نه ته اسين خودڪشي ڪري ڇڏينداسين.

بقايا عوامي سوچ 12

يٽري فشريز/ پروگرام ڪوآرڊينيٽر ايڪسيليريٽڊ پروگرام مسٽر عبدالباقي بولو چيو آهي ته ڪينجهر ڍنڍ جي ماهيگيرن جي روزگار کي هٿي وٺرائڻ ۽ سندن معاشي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ وڏ کان وڏ قدم کنيا ويندا. هن چيو ته 21 نومبر تي ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ڪينجهر جي ماهيگيرن سان گڏ وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو ڪينجهر ڍنڍ جي دوري دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڊپٽي سيڪريٽري فشريز عبدالباقي، پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سينيئر وائيس چيئرپرسن ميڊم ياسمين شاهه پاران ڊبل اي پي پروگرام جي انچارج جي تبديلي بابت ڪيل اعتراضن جي ترديد ڪندي چيو ته ڊاڪٽر غلام قادر جمالي ذاتي مصروفيتن سبب پنهنجي مرضي سان پروگرام جي انچارج واري عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي. جڏهن ته ڪيس ان پروگرام ۾ ڊپٽي پروگرام ڪوآرڊينيٽر رکيو ويو آهي ان موقعي تي ڊاڪٽر غلام قادر جمالي پڻ وضاحت ڪندي چيو ته هن پنهنجي مرضي سان ڊبل اي پي پروگرام جي انچارج واري عهدي تان الڳ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. دوري دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪينجهر نواب سجاد لاڙڪ، ڪينجهر ڪنزرويشن نيٽ ورڪ (KCN)جو صدر انيس هيلايو، جنرل سيڪريٽري ارشاد علي گندرو، رانا محمد اسلم ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 13

سنڌ جي ناميارۍ انقلابي فنڪاره جيجي زرينا بلوچ جي 21هين ورسي بهارا شهر ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي شيخ ڪئي. ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن، ٺٽي، ڪاريس، ميرپور ساڪرو ۽ بهارا ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون، جن ۾ منور علي پيٽو حبيب الله پليجو نائب صدر سنڌ هاري تحريڪ غفور سومرو غلام محمد برج وسيم برج بشير احمد برج اعجاز خاصخيلي علي محمد هُلاڻي مٺن پليجو ۽ قومي عوامي تحريڪ، جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تقريب دوران جيجي زرينا بلوچ جي فني، ادبي ۽ قومي خدمتن کي ياد ڪيو ويو ۽ سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ سندس ڪردار کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن چيو ته جيجي زرينا بلوچ پنهنجي فن ۽ آواز ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي حقن، شعور ۽ جدوجهد جو پيغام عام ڪيو، سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 14

فروشن خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي گهوڙاٻاري پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن محمد صديق ولد محمد عارف ۽ عمر ولد عيدو چانديو، رهواسي ڳوٺ پائي خان چانديو، خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. پوليس موجب جوابدارن خلاف ڪرائم نمبر 149/2026 تحت سنڌ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ايڪٽ 2024 جي قلم 6/9_2_3_1 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪارروائي دوران مجموعي طور ("3"0"0") گرام آئس هٿ اچڻ جي ڄاڻ ڏني وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات جهڙي لعنت جي خاتمي ۽ نوجوان نسل کي ان جي نقصانن کان بچائڻ لاءِ ڪارروايون جاري آهن. گهوڙاٻاري پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ٻين ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب قدم کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو پيو وڃي علائقي واسين پاران اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته منشيات جي خاتمي لاءِ اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون، جيئن علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي سگهجي ۽ نوجوان نسل کي منشيات کان محفوظ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 15

ڪئي وئي، جنهن جي صدارت قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي شيخ ڪئي. ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن، ٺٽي، ڪاريس، ميرپور ساڪرو ۽ بهارا ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون، جن ۾ منور علي پيٽو حبيب الله پليجو نائب صدر سنڌ هاري تحريڪ غفور سومرو غلام محمد برج وسيم برج بشير احمد برج اعجاز خاصخيلي علي محمد هُلاڻي مٺن پليجو ۽ قومي عوامي تحريڪ، جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تقريب دوران جيجي زرينا بلوچ جي فني، ادبي ۽ قومي خدمتن کي ياد ڪيو ويو ۽ سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ سندس ڪردار کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن چيو ته جيجي زرينا بلوچ پنهنجي فن ۽ آواز ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي حقن، شعور ۽ جدوجهد جو پيغام عام ڪيو، سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 16

روڊ تي موٽر سائيڪل اڳيان اوچتو ڪتو اچڻ ڪري موٽر سائيڪل تان ڪري ٻئي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪري سندن علاج ڪرڻ بعد ڊاڪٽرن کين گهر ۾ آرام ڪرڻ جو مشورو ڏيئي ڇڏيو آهي، جڏهن ته فقير علي گوهر ٻارڻ جو ٽيون پٽ اعزاز علي ٻارڻ ڪجھ ڏينهن کان وٺي طبيعت ناساز هجڻ توڙي وات مان رت جون الٽيون اچڻ ڪري کيس انڊس اسپتال ٽنڊو محمد خان ۾ علاج لاءِ داخل ڪيو ويو هو. جنهن جو انڊو اسڪوپي ڪري سندس علاج ڪرڻ بعد ڊاڪٽرن کيس پڻ گهر بيڊ ريسٽ لاءِ موڪلي ڇڏيو آهي، جيڪي پنهنجي گهر ارامي آهن. جن وٽ ٺٽي جي صحافي محمد ايوب ملاح ۽ ٻين پهچي سمورن ڀائرن جي عيادت ڪري سندن صحتيابي لاءِ دعائون گهريون.

بقايا عوامي سوچ 17

ي موجوده سيڪريٽري ٻاجهي لغاري جي ٽن شاعرن جي شاعري تي مشتمل ڪتاب "واڪيو واڪيو وڪ" جي مهورتي تقريب ۽ مشاعرو ٿي گذريو جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ مرڪز جي اڳوڻي جوائنٽ سيڪريٽري آزاد انور ڪانڌڙو ڪئي، مهمان خاص تابش بخاري جن هئا، اعزازي مهمانن ۾ عاشق دادوي، ابل اداس ٻيرو، ٻاجهي لغاري، ابراهيم ملاح ۽ نور احمد جبران رند جن هئا. تقريب جي ڪارروائي ڊاڪٽر رفيق بلوچ هلائي. مهمانن کي آجياڻو سينيئر ميمبر نقاد ٿهيم ڏنو زاهد ميمڻ ڪتاب تي لکيل تفصيلي مقالو پڙهيو، زين ڪوسو ڪتاب منجهان ٽنهي شاعرن جي چونڊ شاعري پڙهي، انهي جي فن ۽ فڪر تي ڳالهايو ۽ پنهنجي شاعري پڻ پيش ڪئي، لياقت علي لياقت، نقاد ٿهيم، احمد خان لاشاري، سيفي اياز چارڻ، تنوير عزيز ڪنگراڻي، سرمد بروهي، فاروق ڪوسو ۽ ٻين شاعري پڙهي داد حاصل ڪيو. آزاد انور ڪانڌڙو شاعرن جي شاعري تي تفصيلي ڳالهايو. تابش بخاري چيو ته ٽن شاعرن جو مجموعو سنڌي شاعري جي ڪتابن ۾ هڪ بهترين اضافو آهي.

بقايا عوامي سوچ 18

تي تبديلين، ماحولياتي گدلاڻ ۽ گرمي پد ۾ واڌ کي گهٽائڻ ۽ سنڌ کي سرسبز بڻائڻ واري مهم تحت قديم تاريخي ماڳ موهن جو دڙو جي گرين بيلٽ ۾ ماحول دوست ٻوٽا لڳايا ويا. ان موقعي تي گرين سنڌ فائونڊيشن جي سرواڻ ذوالفقار مگسي، تعلقي آرگنائيزر محسن رضا جلباڻي، گرين بيلٽ انچارج سراج ميمڻ، نارائڻ داس، طارق شيخ، مظفر شاهاڻي، عمير جوڻيجو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ ماحولياتي تبديلين جا اثر گهٽائڻ لاءِ وڻڪاري ۽ آگاهي مهم جاري رکي ويندي، جنهن تحت شهرن، ٻهراڙين ۽ تعليمي ادارن ۾ ٻوٽا لڳايا ويندا

بقايا عوامي سوچ 19

يون برداشت ڪندڙ،سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ سڄي سنڌ جي جيجي زرينه بلوچ جي 21هين ورسي شهر بهارا ۾ عوامي تحريڪ تعلقي ميرپور ساڪري طرفان ملهائي وئي جنهن ۾ هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ بلاول لاشاري، تعلقي صدر ادريس پليجو، يونٽ صدر عبدالستار پليجو، محبوب ڪڙمون، محمد علي ٽنيو، امين ميربحر، بابن خاصخيلي، ڏونگر سنڌي، فيروز شيخ، محمد رمضان شيخ، ۽ ٻيا ساٿي شريڪ ٿيا اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته جيجي زرينه بلوچ جهڙيون بهادر باڪردار عورت اڳواڻ صدين ۾ پيدا ٿينديون آهن انهن چيو ته ضياءَ مارشلا هجي،يا مشرف جي آمريت هن سندائين اڳواڻي وارؤ ڪردار ادا ڪيو.انهن چيو ته جيجي زرينه بلوچ کي اسان کان وڇڙندي 21 سال ٿي ويا آهن،پران جي ڪيل جدوجهد ۽ اڳواڻي وارؤ ڪردار هميشه اسان کي ياد رهندو. انهن چيو ته اسان کيس سرخ سلام پيش ڪيون ٿا ،آخر ۾ جيجي زرينه بلوچ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ قومي گيت محبوب ڪڙمون پڙهيو

بقايا عوامي سوچ 20

, ان سلسلي ۾ جڏهن کانئس معاملي بابت پڇيو ويو ته جواب ۾ جن فقط ايترو ٻڌايو ته ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو پنهنجي مرضي سان گهمڻ ويو هيس , سوشل ميڊيا تي گمشدگي بابت پوسٽون پڙهڻ بعد پنهنجي مرضي سان اباڻي شهر جوهي پهتو آهيان, هن ٻڌايو ته اهڙو اطلاع سنڌ جي وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ کي پڻ ڏنو آهي, جڏهن کانئس پڇيو ويو ته چار ڏهاڙا ڪٿي هئين ڪنهن سان ويو هئين تڏهن هن ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو, سندس وارثن موجب اسانکي خوشي آهي ته سرتاج باهوتو خيريت سان واپس آيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 21

ئيشن (سچوا) ضلعي اوير ڪراچي جي چونڊ، سچوا جي مرڪزي چيئرمين حاجي عبدالملڪ خان چانديو جي صدارت ۾ ٿي گذري. چونڊ جو عمل اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين رجب چانديو ۽ اليڪشن ڪميٽي ميمبر اويس چانديو جي نگراني ۾ عمل ۾ آيو. ان موقعي تي اليڪشن ڪميٽي پاران ضلعي اوير لاءِ نئين چونڊيل بادي جو باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، جنهن کي سچوا جي مرڪزي قيادت پاران ڪامياب قرار ڏنو ويو 1. صدر: حسن علي چانديو 2. نائب صدر: سرتاج علي چانديو 3. جنرل سيڪريٽري: حاڪم علي چانديو 4. جوائنٽ سيڪريٽري شڪيل احمد چانديو 5. رابطا سيڪريٽري: مدثر چانديو 6. خزانچي سرفراز علي چانديو 7. پريس سيڪريٽري: شهزور علي چانديو 8. آفيس سيڪريٽري: سجاد احمد چانديو نوٽيفڪيشن تي فيصلا ڪميٽي جي چيئرمين سميت هيٺين ميمبرن جون صحيحون پڻ موجود آهن: 1_ سرتاج چانديو رانجهن چانديو، 2_ صاحب چانديو، 3_ دني بخش چانديو، 4_ روشن چانديو ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين سچوا حاجي عبدالملڪ خان چانديو خطاب ڪندي چيو ته سچوا پنهنجي برادري سميت عالم انسانيت جي خدمت ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار هميشه نڀائيندي آئي آهي ۽ انشا الله آئنده به نڀائيندي رهندي. اليڪشن ڪميٽي چيئرمين رجب علي چانديو ۽ اويس چانديو نئين چونڊيل بادي کان عهدي جو قسم نامو کڻائيندي کين مبارڪباد پيش ڪئي ۽ سچوا جي آئين ۽ ذميوارين بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو تقريب ۾ سچوا ڪراچي ڊويزن جو صدر محمد پريل چانديو سميت برادري جي ٻين معززين ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ نئين بادي جي عهديدارن عزم ظاهر ڪيو ته هو برادري جي فلاح ۽ اتحاد لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا

بقايا عوامي سوچ 22

پاران سنڌ جي عظيم عورت اڳواڻ، استاد، سياستدان ۽ لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي 21هين ورسي واهي پانڌي ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ امير زادي برهماڻ، عارف برهماڻي، هاري تحريڪ مرڪزي اڳواڻ گل حسن برهماڻي، ڪامريڊ حسين بخش رستماڻي، ضلع دادو اڳواڻ عبدالقيوم لاشاري، اميد علي برهماڻي، گل بهار رستماڻي، امجد برهماڻي، سڄاڳ ٻار تحريڪ اڳواڻ ڪامريڊ شهزاد برهماڻي، ڪامريڊ علينه برهماڻي ۽ ٻين سندس قومي، سياسي ۽ فني خدمتن کي ساراهيندي کيس ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته جيجي زرينه بلوچ هڪ گهڻ رخي شخصيت هئي جنهن سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ طور عورتن ۾ سياسي شعور ۽ جدوجهد جو جذبو پيدا ڪيو جڏهن ته سندس انقلابي گيتن سنڌ جي نوجوانن ۾ قومي سجاڳيءَ جي نئين لهر پيدا ڪئي "مٽي منهنجي مٽي آهي" "سهندو ڪير معيار او يار" ۽ "جي تون وڙهندي ماريو ويندين، دودا تنهنجو ساهه ته ويندو، ماڻهن جو ويساهه نه ويندو" جهڙا گيت اڄ به سنڌ جي قومي جدوجهد جي سڃاڻپ آهن. ان سان گڏ هن ڪيترائي سهرا به ڏنا ، هنن جو چوڻ هو ته جيجي زرينه بلوچ دنيا جي ڏاهي عظيم انقلابي اڳواڻ رسول بخش پليجي سان گڏجي ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف ڀرپور جدوجهد ڪئي هن مارشل لا جي دور توڙي پرويز مشرف جي آمراڻي حڪمرانيءَ دوران به مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي اصولن تي ثابت قدم رهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏيڻ جي اعلان کان پوءِ جڏهن ڪيترائي سياسي اڳواڻ خاموش ٿي ويا تڏهن جيجي زرينه بلوچ سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن کي ساڻ ڪري ڀٽو جي ڦاسيءَ خلاف احتجاج لاءِ ميدان ۾ نڪتي سندس اها جدوجهد سياسي جرئت، عوامي وابستگي ۽ اصولن سان وفاداريءَ جو روشن مثال آهي، تقريب جي پڄاڻيءَ تي جيجي زرينه بلوچ جي تصوير تي گل نڇاور ڪري کيس سرخ سلام پيش ڪيو ويو ۽ سندس قومي، سياسي ۽ فني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو، ورسي تقريب ۾ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 23

سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ان موقعي تي وارثن پاران ڊاڪٽرن کان فوتي کي سي پي آر ۽ برقي جهٽڪا ڏيڻ تي اصرار ڪيو ويو، جنهن تي عمل نه ٿيڻ سبب وارثن ۽ ڊاڪٽرن وچ ۾ تلخ ڪلامي بعد جهيڙو ٿي پيو. واقعو مهراڻ ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيو. اطلاعن موجب ڊاڪٽر جتيندر ڪمار مالهي جو لاش گهر اندر ڦاهو لڳل حالت ۾ مليو. جنهن بعد وارث کيس سول اسپتال کڻي آيا. جتي ڊاڪٽرن کيس فوت قرار ڏنو. تنهن هوندي به وارثن ڊاڪٽرن کان اصرار ڪيو ته سندس دل کي سي پي آر ۽ برقي جهٽڪا ڏنا وڃن. شايد سندس جان بچي سگهي، پر ڊاڪٽرن پاران انڪار ڪرڻ تي وارث ڪاوڙجي پيا ۽ ڊاڪٽرن سان تلخ ڪلامي، گارگند ۽ جهيڙو ڪيو. ٻئي طرف فوتي جي وارثن موجب ڊاڪٽر جتيندر ڪمار مالهي جي ٻه سال اڳ شادي ٿي هئي، پر بعد ۾ سندس گهرواري جا مائٽ کيس پاڻ سان گڏ وٺي ويا هئا. وارثن جو چوڻ آهي ته ڊاڪٽر پنهنجي گهرواري کي واپس آڻڻ لاءِ ساهرن وارن کي مسلسل منٿون ڪندو رهيو، پر گهرواري جي واپسي نه ٿيڻ سبب هو مايوسي جو شڪار ٿي ويو هو. وارثن دعويٰ ڪئي ته ان ئي مايوسي سبب ڊاڪٽر مبينا طور خودڪشي ڪئي. واقعي بابت پوليس پاران وڌيڪ جاچ ۽ تفصيل سامهون اچڻ بعد صورتحال وڌيڪ واضح ٿي سگهندي.

بقايا عوامي سوچ 24

ر سائيڪلن وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا ٻي پاسي اچيون قبيون لڳ پنج نلڪا موڙ موڙ وٽ موٽرسائيڪل ريڙهي سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا اهڙيءَ طرح علي واهڻ ۾ ٻن موٽر سائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 4 عورتن سميت 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا هوڏانهن نيشنل هاءِ وي تي موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا روهڙي ۾ مختلف هنڌن تي حادثن جي نتيجي ۾ ٿيل زخمين ۾ ناديا،مير زادي،ڪائنات،انور خاتون،رمضان،امتياز، ممتاز،نعيم،نياز، ولي محمد،عامر شر، واد علي شرعبدالڪريم شر سميت ٻيا شامل آهن سيني زخمين کي وارثن ۽ مقامي ماڻهن جي مدد سان روهڙي تعلقي اسپتال پهچايو ويو جتي کين ضروري طبي امداد ڏني وئي اسپتال ۾ ابتدائي علاج بعد ڪجهه زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته علاج ڪانپوءِ ٻين زخمين کي گهر روانو ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 25

آهي ته ڌيءَ جي مڙس اڪرم قاضي ۽ ٻين مبينا طور گهر ۾ داخل ٿي حملو ڪري کيس سندس ڌيءَ ۽ ٻين گهرڀاتين کي زخمي ڪيو احتجاج ڪندڙ عورت موجب واقعي جو ڪيس داخل ڪرائڻ بعد سندس بيمار پيءُ ۽ ڀائرن کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

ار بليدي ۽ پي پي پي هاري ڪاميٽي سنڌ جي صدر محمد پنهل لهر سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته منهنجو ڀائٽيو عبدالعزيز بليدي سال 2016ع کان وٺي خانگي موبائيل ڪمپني جو ملازم آهي، جتي هو ملازمت ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهي. هن الزام لڳايو ته ڪجھ وقت اڳ منهنجي ڀائٽي عبدالعزيز بليدي ۽ سندس دوست سيد زين شاهه لاڙڪاڻي جي واپاري فياض شيخ کان 21 لک روپيا وٺي جيڪب آباد جي واپاري اسد ابڙو کي موبائيل فونون خريد ڪرڻ لاءِ ڏنا هئا، جنهن بعد اسد ابڙو ورتل رقم عيوض گهربل موبائيل فونون مقرر وقت تي نه ڏئي سگهيو. اهڙيون ڳالهيون گذريل 21 آڪٽومبر جي ڏينهن شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي تي ايس ايڇ او اطهر چنوٽ ٿيون. جنهن ۾ اسان سميت واپاري فياض شيخ، اسد ابڙو ۽ سيد زين شاهه شريڪ ٿيا، جتي جيڪب آباد واسي واپاري اسد ابڙو ۽ زين شاهه اقرار پڻ ڪيو ته هن مسئلي سان عبدالعزيز بليدي جو ڪوبه تعلق نه آهي، پر ان باوجود ايس ايڇ او اسان کي حراسان ڪندي 5 لک روپيا رشوت طلب ڪئي. انڪار تي هن ڀائٽي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري کيس جيل اماڻي ڇڏيو. جنهن دوران ايس ايڇ او ڀائٽي جي کيسي ۾ پيل روڪ رقم 2 لک روپيا، سوني چين ۽ موبائيل فون کسي ورتي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مسئلي جي صاف شفاف انڪوائري ڪرائي ايس ايڇ او اطهر چنو خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ ڀائٽي مٿان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪرائيندي کيس آزاد ڪرائي انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 27

آهي، جنهن سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهي طرف وڃي رهيو آهي. افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته هاڻي 12 کان 13 سالن جي معصوم عمر جا ٻار به تعليم حاصل ڪرڻ بدران گٽڪو، مائو، آئيس، چرس ۽ ڪچي شراب جهڙن خطرناڪ نشن جا عادي بڻجي رهيا آهن. شهر جي مختلف هنڌن تي لڳل ڪيبينن تي ننڍي عمر جا ٻار پنهنجي کيسن ۾ گٽڪو مائو لڪائي پوليس جي خوف کان لڪي وڪرو ڪري رهيا آهن. جيڪو مستقبل لاءِ وڏو خطرو آهي. هن خطرناڪ نشي سبب ڪيترن ئي غريب پورهيت گهرن جا چلها وسامي ويا آهن. پريس ڪلب غلام الله پاران مسلسل بنيادن تي منشيات فروشن خلاف خبرون هلائڻ باوجود انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي. جنهن مان لڳي ٿو ته منشيات فروشن کي ڪنهن جي سرپرستي حاصل آهي.هتان جي شهرين ڳوٺاڻن جو ايس ايس پي ٺٽو جناب عديل حسين چانديو صاحب ۽ ايس ايڇ او ساڪرو کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته خدارا اسان جي شهر غلام الله ۽ آس پاس جي علائقن ۾ هلندڙ منشيات جي اڏن تي سخت نوٽيس وٺي حد جي پوليس پوسٽ انچارج کي پابند ڪيو وڃي ته فوري طور منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي. منشيات خلاف جنگ ۾ ساٿ ڏيو. پنهنجي ٻارن جو مستقبل بچايو.

بقايا عوامي سوچ 28

کان تباهه ٿيل هن اهم روڊ جي ٻيهر تعمير آخر ڪڏهن ٿيندي؟ ڪوٽڙي جي مک لياقت روڊ تي لکين ماڻهن جي اچ وڄ، هزارين ڪاروباري دڪانن ۽ روزاني ڪاروباري سرگرمين باوجود روڊ جي مرمت نه ٿيڻ سبب شهرين ۽ واپارين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. روڊ جي خراب حالت سبب مٽي ۽ دز پکڙجڻ معمول بڻجي ويو آهي، جڏهن ته فائر برگيڊ ذريعي پاڻيءَ جي ڇنڪار عارضي حل ته ٿي سگهي ٿي، پر روڊ جي مستقل تعمير جو متبادل نٿي بڻجي سگهي. شهرين جو چوڻ آهي ته روڊ جي مرمت لاءِ ڪيترائي ڀيرا دانهون، احتجاج ۽ مطالبا ڪيا ويا آهن، پر اڃا تائين سندن مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي. اهم تجارتي مرڪز هجڻ باوجود لياقت روڊ جي اهڙي حالت انتظامي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿاري رهي آهي. شهرين ۽ واپارين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته عارضي ڇنڪار بدران لياقت روڊ جي مستقل تعمير ۽ مرمت لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. جيئن عوام کي روزاني جي تڪليفن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي. ٽن سالن کان تباهه ٿيل روڊ جي تعمير ڪڏهن ٿيندي؟ شهرين جو لاڳاپيل اختيارين کان سوال

بقايا عوامي سوچ 29

زيرو يونٽ جا به بل گئس جا وصول ڪيا پيا وڃن. آخرڪار سيوهڻ جي عوام سان ايڏو وڏو ظلم ڇو؟ سيوهڻ جي واٽر سپلا انچارج جي نااهلي سبب سيوهڻ شريف جي پٽو محلا سميت سيوهڻ جي مختلف محلن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جو شديد بحران نظر اچي رهيو آهي. پٽو محله سيوهڻ جا رهواسي پيئڻ جي پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن. پٽو محله سيوهڻ جي عوام چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ ۽ چيف ميونسپل آفيسر سيوهڻ جن کي اپيل ٿا ڪيون ته پٽو محله سيوهڻ ۽ سيوهڻ جي مختلف محلن مان پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو نوٽيس وٺي واٽر سپلاءِ انچارج سيوهڻ جي خلاف قانوني قدم کڻي محله وارن کي پاڻي جي سپلاءِ جاري ڪرائي ڏني وڃي. سيوهڻ شهر ۾ گذريل ڪيترن ڏينهن کان شهر ۾ ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، جيڪو شهرين سان ظلم آهي. سيوهڻ جا جيڪي مين روڊ آهن رڳوانهن تي ڌوڙ ئي ڌوڙ نظر اچي رهي آهي، جڏهن شهر جي گهٽين اندر سئي گئس جي ٺيڪيدار طرفان جيڪا نئين گئس جي لائن وڇائي آهي ، آهي کڏا اڌپورا پوري ٺيڪيدار غائب ٿي ويو آهي، گهٽين ۾ ڪڙ ڦڙ هئڻ ڪري شهرين کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف پيش اچي رهي آهي.

بقايا عوامي سوچ 30

يدارن کان حلف کڻايو. تقريب دوران هيٺين چونڊيل عهديدارن پنهنجي ذميوارين جي ادائيگيءَ جو حلف کنيو: دلدار علي جانوري— صدر * حاڪم چانديو— نائب صدر * اسامه بن لطيف— جنرل سيڪريٽري * جبار ڪابورو— جوائنٽ سيڪريٽري * نسيم چانديو— خزانچي ان موقعي تي ڄامشورو پريس ڪلب جي آئين ۽ ضابطن تحت صحافتي قدرن جي پاسداري، صحافين جي حقن جي تحفظ، آزاد ۽ ذميوار صحافت جي واڌاري ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو. ڄامشورو پريس ڪلب جي انتظاميا ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڪلب کي صحافتي سرگرمين، علمي شعور ۽ آگاهيءَ جو هڪ مؤثر پليٽ فارم بڻايو ويندو جتي صحافت سکڻ ۽ سيکارڻ، نوجوانن جي صحافتي تربيت، ملڪي خوشحالي ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪيو ويندو. ڪلب مقامي مسئلن کي ڀرپور نموني اجاگر ڪري لاڳاپيل اختيارين تائين عوام جو آواز پهچائڻ لاءِ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. تقريب ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته صحافت رڳو خبرن جي اشاعت تائين محدود ناهي، پر اها عوامي حقن جي ترجماني، سماجي مسئلن جي نشاندهي ۽ ذميوار معاشري جي تعمير جو اهم ذريعو آهي. ان ڏس ۾ ڄامشورو پريس ڪلب صحافتي اتحاد، پيشاور ذميوارين ۽ عوامي مفادن جي تحفظ لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ڄامشورو پريس ڪلب جي نئين چونڊيل بادي اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل سهڪار، پيشاور صلاحيتن ۽ صحافتي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪلب کي وڌيڪ فعال بڻائي علائقي جي صحافتي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 31

جي ٻن ڌرين وچ ۾ خوني جهيڙي دوران قتل ٿيلن ۽ زخمين کي فوري طور اسپتال پهچائڻ ۽ هنگامي طبي امداد فراهم ڪرڻ ۾ پي پي ايڇ آءِ ڪمالديرو جي ڊاڪٽرن، پوليس آفيسرن، صحافين، سماجي ورڪرن ۽ علائقي جي معززن اهم ڪردار ادا ڪيو. ڊي ايم محسن ڪلهوڙو، ايم ايس ڪمالديرو ڊاڪٽر عبدالستار آگرو، ڊاڪٽر ديدار سهتو، ڊاڪٽر اسد گانڌاهي، ڊاڪٽر نثار عباسي، ڊاڪٽر مسرور سهتو، ڊاڪٽر اعجاز عباسي، عبدالغفار عباسي، امتياز، سرور گوپانگ، رياض مهيسر، علي رضا گوپانگ، ديدار گوپانگ ۽ ٻين ڊاڪٽرن توڙي عملي ايمرجنسي دوران بهترين نموني پنهنجون ذميواريون نڀايون ۽ زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون. هن ڏکئي وقت ۾ علائقي جي معزز شخصيت وڏيرو ظهير عباسي سميت صحافين ۽ سماجي ورڪرن پڻ اڳتي وڌي انساني همدرديءَ جو مثال قائم ڪيو. ڪچيس پي موسيٰ ابڙو، ڊي ايس پي جاويد لاڪير، اشرف ڏاهري، سي آءِ اي انچارج امداد جاگيراڻي، ايس ايڇ او اڪرم حسين جانوري ۽ ضلعي جي ٻين پوليس اهلڪارن پڻ واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي منهن ڏيڻ، قانوني ڪارروائي ۽ زخمين کي بروقت طبي امداد تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون. انساني خدمت ۽ فرض شناسيءَ جي اهڙي جذبي کي ساراهڻ گهرجي. اهڙن ڏکين لمحن ۾ ڊاڪٽرن، پوليس، صحافين، سماجي ورڪرن ۽ علائقي جي معززن جو گڏجي متاثرن جي مدد ڪرڻ انسانيت، همدردي ۽ خدمت جو روشن مثال آهي.

بقايا عوامي سوچ 32

۾ ٽيندڙ سالياني ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو آغاز ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مختلف ڳوٺن جون ٽيمون شامل آهن ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ميرپور خاص ڊينٽل ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر نورمحمد ڪوسو ڪيو, چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر فيض ممتاز ڪوسو ۽ جهانگير ڪوسو پاران معزز مهمانن,رانديگرن ۽ ميچ ڏسڻ لاءِ آيل شوقينن کي ڀلي ڪار ڪيو,گورمينٽ ڊگري ڪاليج جو اڳوڻو پرنسيپال پروفيسر نذيراحمد ڪوسو,پ پ شهيد پٽو جو صوبائي اڳواڻ ڊاڪٽر امداد ڪوسو ۽ ڪنديارو آل پارٽيز الائينس اڳواڻ ظفر ڪوسو سميت ٻيا مهمان شريڪ ٿيا ان موقعي تي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر فيض ممتاز ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوان نسل کي مثبت ۽ صحتمند سرگرمين ڏانهن وٺي وڃڻ آهي جيئن هو بدگمانن ۽ خراب عادتن کان بچي بهتر ماحول جوڙڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن.هنن وڌيڪ چيو ته مرحوم ڊاڪٽر ممتاز ڪوسو انسان دوست غريبن جو همدرد هو,سندس ڪيل خدمتون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن ٽورنامينٽ ڏسڻ لاءِ علائقي جي تماشائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 33

ال ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا لاڳاپيل ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته ضلعي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتيون ڪارروايون ڪرڻ لاءِ سموريون صلاحيتون استعمال ڪيون وڃن.هن هدايت ڪئي ته پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ پوليس گشت ۽ اسنيپ چيڪنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي، ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروايون تيز ڪيون وڃن ۽ عوام سان بهتر لاڳاپا قائم ڪري سندن جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ايس ايس پي وڌيڪ چيو ته سمورا پوليس آفيسر پنهنجيون ذميواريون پيشوراڻي مهارت، فرض شناسي ۽ محنت سان ادا ڪن ۽ ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻن.

بقايا عوامي سوچ 34

ادت ڪئي ۽ سندس طبيعت بابت خيريت معلوم ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو سينيئر صحافي کي گلدستو پيش ڪيو ۽ سندس جلد صحتيابي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ڊاڪٽرن کان جي اين مغل جي طبيعت ۽ جاري علاج بابت تفصيل معلوم ڪيا. هن اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي ته سينيئر صحافي جي علاج ۽ سار سنڀال ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي وڃي ۽ کيس سموريون ضروري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن سينيئر صحافي جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هو جلد صحتياب ٿي پنهنجي معمول جي زندگي ڏانهن موٽي ايندو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول ۾ پيرسين حزب الله عرف چنچر ميمڻ پاران پنهنجي والد جي نالي واري سروري زمين تي مبينه قبضي خلاف احتجاج

سندس والد حاجي محمد ميمڻ جي سروي زمين ديه ولهار ضلعي سجاول ۾ آهي، جيڪا مفتي نظير عمراڻي جي فيصلي موجب کين ملي هئي

بااثر مولوي عبدالشڪور ميمڻ ۽ مولوي اسماعيل ميمڻ زمين تي قبضو ڪري ويٺا آهن

اسان جي زمين اسان جي والد جي نالي تي آهي ۽ اسان وٽ سرڪاري ڪاتو پڻ موجود آهي ۽ اسان سان ناانصافي ٿي رهي آهي

سجاول (رپورٽ :امتياز ميمڻ) سجاول ۾ پيرسين حزب الله عرف چنچر ميمڻ پاران پنهنجي والد جي نالي واري سروري زمين تي مبينه قبضي خلاف پنهنجي پٽن ۽ خاندان جي ماڻهن سان گڏ پريس ڪلب اڳيان احتجاج انصاف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ حڪيم سنڌيلو جي رهواسڻ پيرسن عورت جو احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ حڪيم سنڌيلو جي رهواسڻ پير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پنوعاقل ۾ ڪاروڪاري جي الزام هيٺ بيواهه عورت صائمه سميجو قتل

پنوعاقل (رپورٽ: منشاد احمد) پنوعاقل ۾ ڪاروڪاري جي الزام هيٺ بيواهه عورت صائمه سميج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

شڪارپور واسي پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي پاران ايس ايس پي کان تحفظ جي اپيل، وارثن کي هراسان ڪرڻ ۽ گهر ساڙڻ جا الزام

شادي ڪندڙ جوڙي پنهنجي جان کي خطرو ظاهر ڪندي ايس ايس پي شڪارپور ۽ لاڳاپيل اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل

ڪين ۽ سندن وارثن کي نقصان پهچائي سگهجي ٿو، جوڙي ايس ايس پي شڪارپور ۽ سنڌ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو

ڪين ۽ سندن وارثن کي فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن ڪنهن به اڻ ٿيندڙ واقعي کان بچي سگهجي

شڪارپور (رپورٽ منشاد چاچڙ) شڪارپور واسي عبدالوهاب چاچڙ ولد عبدالستار ۽ سمينه ناپر ڌيءُ ارباب علي ڪراچي جي عدالت ۾ پنهنجي مرضيءَ سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي. شادي ڪندڙ جوڙي پنهنجي جان کي خطرو ظاهر ڪندي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ٿرپارڪر ۾ MSF ضلع ٿرپارڪر جي باڊي ۽ MSF تعلقن جا صدر جنرل سيڪريٽري ڪي گهرايو ويو

جوائنٽ سيڪريٽري وقار علي جمالي، انفارميشن سيڪريٽري عاطف علي آرائين شرڪت

اسان جوازم آهي ته اسان سنڌ ۾ MSF کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

مٺي (ڊ-ر محمد رحيم مگريو) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ٿرپارڪر ۾ MSF ضلع ٿرپارڪر جي باڊي ۽ MSF تعلقن جا صدر جنرل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊينٽل ڊاڪٽر چندر مالهي گهر اندر ڦاهو کائي فوت، وارثن جا سول اسپتال جي ڊاڪٽرن تي لاپرواهي جا الزام

ميرپورخاص جي جمناداس ڪالوني واسي پرائيويٽ ڊينٽل ڊاڪٽر چندر مالهي گهر اندر ڦاهو کائي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي

جنهن کي وارث سول اسپتال ميرپورخاص کڻي پهتا، جتي دل جي وارڊ ۾ ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

ڊاڪٽر چندر مالهي کي دل جو دورو پيو هو، جڏهن ته اسپتال پهچڻ بعد وارثن پاران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جو پڻ چيو ويو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص جي جمناداس ڪالوني واسي پرائيويٽ ڊينٽل ڊاڪٽر چندر مالهي گهر اندر ڦاهو کائي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي، جنهن کي وارث سول اسپتال ميرپورخاص کڻي پهتا، جت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيس بدين پاران ٻهريون پيرو ديني مدرسن جي شاگردن لاءِ راندين جا مقابلا

جن ۾ ڪرڪيٽ، فٽبال، رسي ڇڪڻ ۽ 100 ميٽر ڊوڙڻ جي ريس سميت مختلف راندين جا مقابلا ڪرايا ويا

مقابلن جي اختتامي تقريب مدرسه دارالعلوم سعديه بدين ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن، استادن، عالمن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت

ديني مدرسن جي شاگردن ۾ به راندين جو ڀرپور ٽيلنٽ موجود آهي ۽ اهي ڪنهن به لحاظ کان اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن کان گهٽ ناهن

بدين (رجب راهمون) راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري صوبائي وزير محمد بخش خان مهر ۽ راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر بدين انور علي روشن پاران ٻهريون پيرو ديني مدرسن جي شاگردن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئشن (گرٽا) ضلع ٿرپارڪر پاران پرائمري اسڪول مٺي کان هڪ احتجاجي ريلي

محمد ابراهيم راهمون، سسپال سونارو، ڪنگهار سنگهه نڪر ۽ ٻين به هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شرڪت ڪئي

گروپ انشورنس، بينوئل فنڊ، صحت ڪارڊ، سن ڪوٽا، ميڊيڪل الائونس وڌائڻ جو مطالبو

پراڻي پينشن پاليسي برقرار رکڻ ۽ پينشن مان ڪٽوتي نه ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو

مٺي (ڊ-ر محمد رحيم مگريو) گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئشن (گرٽا) ضلع ٿرپارڪر پاران پرائمري اسڪول مٺي کان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب مٺي اڳيان پهتي، جنهن ۾ نواز علي جوٽيجو، غلام علي ساهڙ، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان ڪامريڊ يوسف ميراڻي جي نائين ورسي ملهائي وئي

ان موقعي تي ورسي جو جلسو ڪيو ويو، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ سياسي سماجي ماڻهن شرڪت ڪئي

ڪامريڊ يوسف ميراڻي سنڌ پرست انسان هو، جنهن سنڌ جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪئي: نواز خان زئور

سدائين اڳيرو رهيو ۽ ڪڏهن ٿڪو ڪونه ۽ اڳ کان اڳرو رهيو. اهڙا انسان قومن ۾ تبديلون آڻيندا آهن

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان ڪامريڊ يوسف ميراڻي جي نائين ورسي ملهائي وئي، خبر موجب جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران سجاول جي چار ڳوٺ پرسان ڳوٺ قاسم ميراڻي ۾ سياسي سماجي شخصيت ڪامري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڳوٺ آمرنو سومرا جنهن جي اسڪول گورنمينٽ ايلمنٽري آهي

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو) منهنجي ڳوٺ آمرنو سومرا جنهن جي اسڪول گورنمينٽ ايلمنٽري آهي ان جي اوپر طرف ڪافي پلاٽ ٻارڙن جي گرائونڊ ۽ هاءِ اسڪول جي بلڊنگ لاءِ مختص ڪيل هو اسان جي وڏن جي طرفان هن وقت هڪ هفتي کان ڳوٺ جا اسڪول ۽ تعليم مخالف ماڻهو قبضو ڪري رهيا آهن ۽ اڳ به انڪروچمينٽ ڪئي آهي ۽ وڌيڪ ڪرڻ جو ارادو آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڏيپلو جي ٻن جوڙن گهران نڪري پنهنجي مرضيءَ سان مبينا طور پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

جنهن ۾ مايا ڌي ڪيول سارنگ ڳوٺ چڙيل مهتاب پٽ مجنون شهر ڏيپلو سان شادي ڪئي آهي

ناري ڪوشليا ڌي ڏاڙهون شهر ڏيپلو جنهن ڪيلاش پٽ مهيندرو ڳوٺ چڙيل سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

مٺي (ڊ-ر محمد رحيم مگريو) : خبر موجب ميگهواڙ برادري سان تعلق رکندڙ تعلقو ڏيپلو جي ٻن جوڙن گهران نڪري مبينا طور عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو جنهن ۾ مايا ڌي ڪيول سارنگ ڳوٺ چڙيل مهتاب پٽ مجنون شهر ڏيپلو سان شادي ڪئي آهي. جڏهن ته ٻئي پاسي ناري ڪوشليا ڌي ڏاڙهون شهر ڏيپلو جنهن ڪيلاش پٽ مهيندرو ڳوٺ چڙيل سان پيار جو پرڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڪينجهر جي ماهيگيرن جي روزگار لاءِ وڏ کان وڏ قدم کڻنداسين: عبدالباقي بولو

21 نومبر تي ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان

ڪينجهر ڍنڍ جي ماهيگيرن جي روزگار کي هٿي وٺرائڻ ۽ سندن معاشي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ وڏ کان وڏ قدم کنيا ويندا

ٺٽو (رپورٽ رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر جي ماهيگيرن جي روزگار لاءِ وڏ کان وڏ قدم کڻنداسين، 21 نومبر تي ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان ڊپٽي سيڪريٽري فشريز عبدالباقي بولو ڊپٽي سيڪر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي 21هين ورسي واهي پانڌي ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

ڪامريڊ علينه برهماڻي ۽ ٻين سندس قومي، سياسي ۽ فني خدمتن کي ساراهيندي ڀيٽا پيش

جنهن سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ طور عورتن ۾ سياسي شعور ۽ جدوجهد جو جذبو پيدا ڪيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، ايس جي ايس ٽي، سجاڳ ٻار تحريڪ ۽ سنڌي نوجوان تحريڪ ڪاڇو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سنڌ چانڊيا ويلفيئر ايسوسيئيشن، ضلع اوير جي چونڊ، نئين باڊي جو اعلان

چونڊ جو عمل اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين رجب چانڊيو ۽ اليڪشن ڪميٽي ميمبر اويس چانڊيو جي نگراني ۾ عمل ۾ آيو

باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، جنهن کي سچوا جي مرڪزي قيادت پاران ڪامياب قرار ڏنو ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو)سنڌ چانڊيا ويلفيئر ايسوسيئيشن. ضلع اوير جي چونڊ، نئين باڊي جو اعلان _سنڌ چانڊيا ويلفيئر ايسوسي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب21

چار ڏهاڙا اڳ ڪراچي مان پراسرار نموني گم ٿي ويل جوهي واسي وڪيل سرتاج باهوٽو جوهي پهچي ويو

جڏهن ڪانئس معاملي بابت پڇيو ويو ته جواب ۾ جن فقط ايترو ٻڌايو ته ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو

پنهنجي مرضي سان گهمڻ ويو هيس ، سوشل ميڊيا تي گمشدگي بابت پوسٽون پڙهڻ بعد پنهنجي مرضي سان اباڻي شهر جوهي پهتو آهيان

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ)چار ڏهاڙا اڳ ڪراچي مان پراسرار نموني گم ٿي ويل جوهي واسي وڪيل سرتاج باهوٽو جوهي پهچي ويو آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

جيجي زرينه بلوچ جي 21هين ورسي شهر ڀارا ۾ عوامي تحريڪ تعلقي ميرپور ساڪري طرفان ملهائي وئي

آخر ۾ جيجي زرينه بلوچ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ قومي گيت محبوب ڪڙمون پڙهيو

ڀارا (رپورٽ عبدالوحيد سومرو) قائد انقلاب محترم رسول بخش پليجي صاحب جي شريڪ حيات سچي چمار لانگ مارچ، جيل بند جون سخت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڏوڪري گرين سنڌ فائونڊيشن پاران وڻڪاري مهم هلندڙ

سنڌ کي سرسبز بڻائڻ واري مهم تحت قديم تاريخي ماڳ موهن جو دڙو جي گرين بيلٽ ۾ ماحول دوست ٻوٽا لڳايا ويا

وڻڪاري ۽ آگاهي مهم جاري رکي ويندي، جنهن تحت شهرن، ٻهراڙين ۽ تعليمي ادارن ۾ ٻوٽا لڳايا ويندا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري گرين سنڌ فائونڊيشن پاران وڻڪاري مهم هلندڙ، رپورٽ موجب ڏوڪري ۾ گرين سنڌ فائونڊيشن پاران موسميا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

ٽن شاعرن جي شاعري تي مشتمل ڪتاب "واڪيوواڪيوڪ" جي مهورتي تقريب ۽ مشاعرو

جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ مرڪز جي اڳوڻي جوائنٽ سيڪريٽري آزاد انور ڪانڌڙو ڪئي

اعزازي مهمانن ۾ عاشق دادوي، ابل اداس ٻبر، ٻاجهي لغاري، ابراهيم ملاح ۽ نور احمد جبران رند جن هئا

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي ۾ پريس ڪلب جوهي اڱڻ تي سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر ،سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٺٽي جي رهواسي فقير علي گوهر ٻارڻ جا ٻه پٽ نادر علي ٻارڻ ۽ اياز علي ٻارڻ روڊ حادثي سبب زخمي

، جن کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪري سندن علاج ڪرڻ بعد ڊاڪٽرن کين گهر ۾ آرام ڪرڻ جو مشورو ڏيئي ڇڏيو

طبيعت ناساز هجڻ تورڙي وات مان رت جون الٽيون اچڻ ڪري ڪيس انڊس اسپتال ٽنڊو محمد خان ۾ علاج لاءِ داخل

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي رهواسي فقير علي گوهر ٻارڻ جا ٻه پٽ نادر علي ٻارڻ ۽ اياز علي ٻارڻ جهمپير ويجهو جهمپير شادي هال پرسان مين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ پاران جيجي زرينا بلوچ جي 21هين ورسي ڀارا شهر ۾ منعقد

جنهن جي صدارت قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي شيخ ڪئي

ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن، ٺٽي، ڪاريس، ميرپور ساڪرو ۽ ڀارا ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون

ٺٽو(رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران سنڌ جي ناميارې انقلابي فنڪاره جيجي زرينا بلوچ جي 21هين ورسي ڀارا شهر ۾ منعقد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ايس ايڇ او گهوڙاٻاري الله وسايو نوهڙي جي اڳواڻي ۾ منشيات فروش خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

ٻن جوابدارن محمد صديق ولد محمد عارف ۽ عمر ولد عيدو چانڊيون، رهواسي ڳوٺ پائي خان چانڊيون خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو

سنڌ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ايڪٽ 2024 جي قلم 1_3_2_6/9 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ايس ايڇ او گهوڙاٻاري الله وسايو نوهڙي جي اڳواڻي ۾ منشيات /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

قومي عوامي تحريڪ پاران جيجي زرينا بلوچ جي 21هين ورسي ڀارا شهر ۾ منعقد

جنهن جي صدارت قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي شيخ ڪئي

ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن، ٺٽي، ڪاريس، ميرپور ساڪرو ۽ ڀارا ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) قومي عوامي تحريڪ پاران جيجي زرينا بلوچ جي 21هين ورسي ڀارا شهر ۾ منعقد قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپورخاص جمناداس ڪالوني واري علائقي ۾ ڏندن واري ڊاڪٽر جتيندر ڪمار مالهي جو گهر مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو

وارث لاش سول اسپتال کڻي پهتا، جتي ڊاڪٽرن معائنو ڪرڻ بعد سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

ان موقعي تي وارثن پاران ڊاڪٽرن کان فوتي کي سي پي آر ۽ برقي جهٽڪا ڏيڻ تي اصرار ڪيو ويو

جنهن تي عمل نه ٿيڻ سبب وارثن ۽ ڊاڪٽرن وچ ۾ تلخ ڪلامي بعد جهيڙو ٿي پيو. واقعو مهران ٽاڻي جي حدن ۾ پيش آيو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جمناداس ڪالوني واري علائقي ۾ ڏندن واري ڊاڪٽر جتيندر ڪمار مالهي جو گهر مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو، وارث لاش سول اسپتال کڻي پهتا، جتي ڊاڪٽرن معائنو ڪرڻ بعد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرپورخاص جمناداس ڪالوني واري علائقي ۾ ڏندن واري ڊاڪٽر جتيندر ڪمار مالهي جو گهر مان ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو

روهڙي ۽ ڀرپاسي مختلف روڊ حادثن ۾ چئن عورتن سميت 15 ڄڻا سخت زخمي

روهڙي جي علائقي ميمڻ محلا لڳ سڪ پل پرسان رات دير سان ٻن موٽر سائيڪلن وچ ۾ زوردار ٽڪر

اچيون قبيون لڳ پنج نلڪا موڙ موڙ وٽ موٽرسائيڪل ريڙهي سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

اهڙيءَ طرح علي واهڻ ۾ ٻن موٽر سائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 4 عورتن سميت 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۽ ڀرپاسي مختلف روڊ حادثن ۾ چئن عورتن سميت 15 ڄڻا سخت زخمي، ڦٽين جوڳي حالت سبب سکر اسپتال منتقل تفصيل موجب روهڙي جي علائقي ميمڻ محلا لڳ سڪ پل پرسان رات دير سان ٻن موٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

مسمات شهناز زال احسان جاگيراڻي پنهنجي نياڻي نائلا ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاج

روهڙي(رپورٽر) روهڙي جي علائقي ڳوٺ مصري خان ساڪاڻي جي رهواسڻ مسمات شهناز زال احسان جاگيراڻي پنهنجي نياڻي نائلا ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪندي الزام هنيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

منهنجو پائٽيو عبدالعزيز بليدي سال 2016ع کان وٺي خانگي موبائيل ڪمپني جو ملازم آهي: تاج محمد بليدي

جتي هو ملازمت ڪري گهرياتين جو پيٽ گذر ڪندو آهي

ايس ايڇ او اطهر چنو خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ پائٽي مٿان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪرائيندي ڪيس آزاد ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني جي رهواسي تاج محمد بليدي پنهنجي پائٽين محمد حسن بليدي، سرد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

غلام الله شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ سماجي برائين ۽ منشيات جي وڪرو ۾ ڏينهون ڏينهن خطرناڪ اضافو

هاڻي 12 کان 13 سالن جي معصوم عمر جا ٻار به تعليم حاصل ڪرڻ بدران گٽڪو، مائو، آئيس، چرس ۽ ڪچي شراب جهڙن خطرناڪ نشن جا عادي بڻجي رهيا آهن

شهر جي مختلف هنڌن تي لڳل ڪيبنن تي ننڍي عمر جا ٻار پنهنجي ڪيسن ۾ گٽڪو مائو لڪائي پوليس جي خوف کان لڪي وڪرو ڪري رهيا آهن

جيڪو مستقبل لاءِ وڏو خطرو آهي. هن خطرناڪ نشي سبب ڪيترن ئي غريب پورهيت گهرن جا چلها وسامي ويا آهن

غلام الله (رپورٽ بابوجان هنگورجو) غلام الله: شهر ۾ منشيات جو وڌندڙ آزار، نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي غلام الله شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ سماجي برائين ۽ منشيات جي وڪرو ۾ ڏينهون ڏينهن خطرناڪ اضافو ٿي رهيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪوٽڙي جي مک لياقت روڊ جي تباهي، ٽن سالن کان مرمت نه ٿي سگهي، شهري مٽي ۽ دز سبب پريشان

روڊ تان اٿندڙ مٽي ۽ دز کان شهرين کي بچائڻ لاءِ فائر برگيڊ ذريعي پاڻيءَ جي ڇنڪار ته ڪئي پئي وڃي

دڪانن ۽ روزاني ڪاروباري سرگرمين باوجود روڊ جي مرمت نه ٿيڻ سبب شهرين ۽ واپارين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

روڊ جي خراب حالت سبب مٽي ۽ دز پکڙجڻ معمول بڻجي ويو آهي، جڏهن ته فائر برگيڊ ذريعي پاڻيءَ جي ڇنڪار عارضي حل ته ٿي سگهي ٿي

ڪوٽڙي(رپورٽر)ڪوٽڙي جي مک لياقت روڊ جي خراب حالت شهرين ۽ واپارين لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي. روڊ تان اٿندڙ مٽي ۽ دز کان شهرين کي بچائڻ لاءِ فائر برگيڊ ذريعي پاڻيءَ جي ڇنڪار ته ڪئي پئي وڃي. پر سوال اهو آهي ته گذريل ٽن سالن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪوٽڙي جي مک لياقت روڊ جي تباهي، ٽن سالن کان مرمت نه ٿي سگهي

سيوهڻ ۾ سئي گئس ڪيترن مهينن کان بند سئي گئس انتظاميه سيوهڻ اگهور ننڊ ۾ ستل

سيوهڻ شريف جي پنو محلا سميت سيوهڻ جي مختلف محلن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جو شديد بحران نظر اچي رهيو آهي

واٽر سپلاءِ انچارج سيوهڻ جي خلاف قانوني قدم کڻي محله وارن کي پاڻي جي سپلاءِ جاري ڪرائي ڏني وڃي

سيوهڻ شهر ۾ گذريل ڪيترن ڏينهن کان شهر ۾ ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي

سيوهڻ (رپورٽر)سيوهڻ شهر ۾ نه آئي گئس نه پاڻي، نه وري بجلي ايڏو وڏو ظلم سيوهڻ جي شهرين آخرڪار ڇو؟ سيوهڻ ۾ سئي گئس ڪيترن مهينن کان بند سئي گئس انتظاميه سيوهڻ اگهور ننڊ ۾ ستل ۽ سيوهڻ جي عوام ڪان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڄامشورو پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برداري تقريب، عبدالرحمان سيال حلف کڻايو

جنهن ۾ ڄامشورو پريس ڪلب جي عبدالرحمان سيال نون چونڊيل عهديدارن کان حلف کڻايو. تقريب دوران هينئين چونڊيل عهديدارن پنهنجي ذميوارين جي ادائيگيءَ جو حلف کنيو

ڄامشورو پريس ڪلب جي سال 2026_27ع لاءِ چونڊيل نئين باڊي جي حلف برداري تقريب

صحافتي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪلب کي وڌيڪ فعال بڻائي علائقي جي صحافتي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو پريس ڪلب جي سال 2026_27ع لاءِ چونڊيل نئين باڊي جي حلف برداري تقريب ڪوهستان ويلي، گلشن شهباز ڄامشورو ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ڄامشورو پريس ڪلب جي عبدالرحمان سيال نون چونڊيل عهد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڄامشورو پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برداري تقريب جو ڏيک

ڪنڌيارو: جهيڙي دوران زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي

ڪنڌيارو (رپورٽر) پي ايس بکري جي حد ڳوٺ خيرو ديرو جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪلهوڙا برادري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪنڌيارو پرسان مرحوم ڊاڪٽر ممتاز ڪوسو جي ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

ڪنڌيارو (رپورٽر) ڪنڌيارو پرسان ڳوٺ خدا بخش ڪوسو ۾ مرحوم ڊاڪٽر ممتاز ڪوسو جي ياد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

ايس ايس پي ڄامشورو جي صدارت هيٺ ڪوٽڙي ۽ نوري آباد سب ڊويزن جي پوليس آفيسرن جو اجلاس، امن امان بهتر بڻائڻ لاءِ اهم هدايتون جاري

اجلاس دوران پوليس آفيسرن جي ڪارڪردگي، ضلعي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ضلعي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتيون ڪارروايون ڪرڻ لاءِ سمورين صلاحيتون استعمال ڪيون وڃن

ڄامشورو (رپورٽر) ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سب ڊويزن ڪوٽڙي ۽ سب ڊويزن نوري آباد جي پوليس آفيسرن جو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس دوران پوليس آفيسرن جي ڪارڪردگي، ضلعي ۾ امن امان جي مجموعي صورتح/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊي سي ڄامشورو پاران سينيئر صحافي جي اين مغل جي عيادت

ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو سينيئر صحافي کي گلدستو پيش ڪيو

ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ڊاڪٽرن کان جي اين مغل جي طبيعت ۽ جاري علاج بابت تفصيل معلوم ڪيا

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري لمس اسپتال ڄامشورو پهچي علاج هيٺ سينيئر صحافي غلام نبي مغل المعروف جي اين مغل جي عي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34